# راحۃ القلوب



تالیف:

قطب العارفین فخر الکاملین بحر الحقائق وکنز الدقائق وصاحب العلم والعرفان حضرت

عبد اللہ جان المعروف بہ حضرت شاہ آغا سرہندی مجددی فاروقی قدس سرہ

مکتبہ مجددیہ عبدالوحید سرہندی
ٹنڊو سائینداد
۲۶/۹۲

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْآنِ مَا هُوَ شِفَاءٌ وَرَحْمَةٌ لِلْمُؤْمِنِينَ ○ القرآن

# رَاحَةُ القُلُوبِ

تاليف:

قُطبُ العارفين فخرُ الكاملين بحرُ الحقائق وكنزُ الدقائق صاحبُ العِلم والعرفان حضرت
عبدُ الله جان المعروف به حضرت شاه آغا سرهندي مجددي فاروقي قدس سرهٗ

نظرثاني كندڙ:

عبدهٗ عبدالوحيد سرهندي

درگاهه ٽنڊو سائينداد، تعلقه ٽنڊو محمد خان، ضلع حيدرآباد -

شائع كندڙ:

سيد قمر الزمان شاه

۲۳۳/سي يونٽ نمبر۲، لطيف آباد - حيدرآباد
سنڌ - پاڪستان -

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

نالو ڪتاب........... راحت القلوب

مصنف............... حضرت خواجه عبدالله جان المعروف به
حضرت شاه آغا مجددي سرهندي

نظرثاني ڪندڙ ....... عبدهٗ عبدالوحيد جان سرهندي

ڇپائيندڙ............. سيد قمرالزمان شاه

تاريخ اشاعت......... سيپٽمبر 1998ع

ڇاپو..... ............ ستون

ڇاپيندڙ............... سيد واجد علي حسني
نيو گرين پرنٽرس، صدر حيدرآباد

روبرو ڪتاب ملڻ جا هنڌ

١- جامعه مُجدّديه درگاهه ٽنڊو سائينداد تعلقه ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد

٢- سيد قمرالزمان شاهه، لطيف آباد نمبر2 حيدرآباد.

هديه

عشق، محبت، ۽ سوز سان پڙهي
عمل ڪرڻ ۽ دعاءِ خير سان نوازڻ

# فهرست مضامين

## ڪتاب مستطاب راحة القلوب حصو پهريون


| صفحو | مضمون |
|---|---|
| | وجه تأليف |
| | باب پهريون غمن جو علاج عقادي ۽ اخلاقي عملن سان |
| ۲۰ | غمن جو علاج حسن ظن سان |
| ۲۵ | غمن جو علاج صبر ۽ توڪل سان |
| ۲۸ | غمن جو علاج خوش خُلقي سان |
| ۴۰ | غمن جو علاج رضا بقضا سان |
| ۴۵ | غمن جو علاج زياده سوچ ويچار نہ ڪرڻ سان |
| ۵۰ | غمن جو علاج وسوسن دفع ڪرڻ سان |
| ۵۴ | فقه جو مسئلہ -1 |
| ۵۴ | فقه جو مسئلہ -2 |
| ۵۵ | فقه جو مسئلہ -3 |
| ۵۸ | ضروري گذارش |
| ۶۰ | فقه جو مسئلہ -4 |
| ۶۰ | فقه جو مسئلہ -5 |
| ۶۲ | غمن جو علاج صبر ۽ قناعت سان |
| ۷۱ | باب ٻيو غمن جو علاج ذڪر فڪر ۽ مراقبي سان ۽ |
| | غمن جو علاج ڪلمہ ۽ طيبہ سان |
| ۷۲ | ڪلمہ ۽ تهليل جا فضائل |

| صفحو | مضمون |
|---|---|
| ٧٦ | فائده: ذڪر جاري ٿيڻ جي نشاني |
| ٧٨ | فائده (ننڊ جو علاج) |
| ٧٩ | فائده (شيطان جو فريب) |
| ٨۴ | فائده - مرشد ضرور وٺڻ گهرجي |
| ٨۵ | فائده - پيري مُريدي جا آداب |
| ٨٩ | مسئلو |
| ٨٩ | فائده |
| ٨٩ | فائده |
| ٩٠ | باب ٻيون غمن جو علاج دعائن سان |
| ٩٨ | دعا خضوع ۽ خشوع سان ڪرڻ گهرجي |
| ١٠١ | دعا ۾ ٻئي شخص کان گهرائڻ بہ حق آهي |
| ١٠٣ | غمن جو علاج قرآن شريف سان |
| ١٠٦ | فائده |
| ١٠٦ | مسئلو |
| ١٠٧ | بسم الله الرحمن الرحيم پڙهڻ جي ترتيب |
| ١٠٧ | سورة الفاتحة (الحمد شريف) سورة شفا آهي |
| ١٠٨ | سورة يٰسٓ جون فضيلتون |
| ١٠٩ | سورة الواقعة جون فضيلتون |
| ١١٢ | فضائل سورة الملک يعني سورة تبارک جون فضيلتون |
| ١١٢ | سورة المزمل جون فضيلتون |
| ١١٠ | ٻيو وظيفو ڪشائش رزق لاءِ |
| ١١٢ | مسئلو |

| صفحو | مضمون |
|---|---|
| ١١٤ | مسئلہ |
| ١١٥ | مسئلہ |
| ١١٧ | سورة الاخلاص يعني قل هو الله |
| ١١٨ | معوذتين يعني قُلْ اَعُوْذُبِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُل اَعُوْذُبِرَبِّ النَّاسِ |
| ١١٨ | ٻيو علاج سحر جي باطل ڪرڻ لاءِ |
| ١١٩ | ٽيون علاج |
| ١١٩ | چوٿون علاج حر زابي دجانہ |
| ١٢٠ | پنجون علاج غيبات جو |
| ١٢١ | آيات شفا |
| ١٢٢ | حسبنا الله ونعمَ الوكيل |
| ١٢٥ | لااله الا انت سبحانک اني كنت من الظلمين |
| ١٢٦ | غمن جو علاج ڪلمءِ ترجيح سان |
| ١٢٧ | غمن جو علاج وظائف ۽ دعا سان |
| ١٢٧ | غمن جو علاج حوقلہ سان |
| ١٢٨ | غمن جو علاج ماثور دعائن سان |
| ١٢٩ | غمن جو علاج درود شريف سان |
| ١٣٢ | دلائل الخيرات پڙهڻ جي ترتيب |
| ١٣٣ | صلوٰة الحاجة |
| ١٣٤ | صلوٰة الاستخارة |
| ١٣٦ | تسبيح نماز |
| ١٣٩ | تسبيح نماز پڙهڻ جي ترتيب |
| ١٤١ | غمن جو علاج استغفار سان |
| ١٤٣ | باب چوٿون غمن جو علاج صحت ۽ تندرستي سان |

| صفحو | مضمون |
|---|---|
| ۱۴۵ | طب جي تعريف ۽ معنيٰ |
| ۱۴۶ | گهڻي کائڻ جا نقصان |
| ۱۵۰ | معده جي حفاظت |
| ۱۵۳ | اکين جي حفاظت |
| ۱۵۹ | ڏندن جي حفاظت |
| ۱۶۲ | سرمايئہ حيات جي حفاظت |
| ۱۶۹ | ورزش |
| ۱۷۱ | فائده |
| ۱۷۱ | مسئلہ |
| ۱۷۵ | هوا |
| ۱۷۸ | غمن جو علاج دوائن سان يا تدابير نفسانيہ سان |
| ۱۸۶ | مغز جي طراوت ۽ دماغ جي تقويت واسطي |
| ۱۹۰ | دل، دماغ ۽ معده جي تقويت لاءِ |
| ۱۹۲ | قبض جا علاج |
| ۱۹۷ | فائدہ |
| ۱۹۸ | غمن جو علاج خيال ڦيرائڻ سان ۽ ٻين حيلن سان |
| ۲۰۱ | وهابين جي جواب ۾ هڪ علمي مضمون |
| ۲۰۷ | قرآن ڪريم بابت هڪ علمي مضمون |
| ۲۰۸ | اهل تشيع ۽ خارجن جي جواب ۾ هڪ علمي مضمون |
| ۲۱۳ | ترتيب ختمه خواجگان نقشبنديه |
| ۲۱۵ | وظيفہ حزب البحر |
| ۲۲۲ | مخزن العلوم حصو علم تعويذات جو |
| ۲۵۵ | مناجات بدرگاه قاضي الحاجات |

# پيش لفظ

٧٨٦
٩٢

اسانجي جد امجد (ڏاڏي) بزرگوار صاحب العلم والعرفان حضرت قبلہ عبدالله جان المعروف بہ حضرت شاھ آغا مجددي سرهندي قدس سره جن جون ديني تصنيفات تمام گھڻيون آهن. حضرت صاحب جن پنهنجي ڀھرئين دؤر جواني ۾ عربيءَ ۾ ڪتاب لکندا هئا. اُن کان پوءِ فارسي ۾ ڪتاب لکندا هئا. پر آخري دؤر ۾ پاڻ سنڌي ۾ ڪتاب لکندا هئا ۽ پاڻ فرمائيندا هئا تہ اڳ ۾ اسانجي ملڪ سنڌ ۾ ديني علم وسيع هوندو هئو ۽ گھڻا ماڻهو عربي ۽ فارسي ڄاڻندا هئا ۽ هاڻي جيئن پوءِ تيئن فارسي ۽ عربي گهٽ ٿيندي وڃي ٿي ۽ اسين چونڪہ سنڌ ۾ رهندڙ آهيون اُن ڪري اسان جي مٿان سنڌ جي ماڻهن جو حق آهي تہ اسين هاڻي ديني ڪتاب سنڌي ۾ لکون تہ جيئن گهٽ علم رکندڙ ماڻهو بہ اسانجي ديني تصنيفات مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

حضرت صاحب جن مذڪوره بالا ڳالھ مدنظر رکي سنڌيءَ ۾ تصنيفات ڪيون. حضرت صاحب جن جي سنڌي تصنيف ڪيل ڪتابن جي فهرست هن ريت آهي:

(١) هدايت الحج سنڌي
(٢) مخزن العلوم ست جلد سنڌي
(٣) راحة القلوب سنڌي،
(٤) راحة المخلصين سنڌي
(٥) تاريخ اسلام سنڌي

(٦) احسن الوسائل في تحقيق المسائل

(٧) مناجات بدرگاه قاضي الحاجات

(٨) شرعي فتوائون

(٩) ديني مضمون

(١٠) هدايت نامه

(١١) اصلاحي مضمون

(١٢) شهادت امام حسين

(١٣) شرح قصيده بابت سُعاد

حضرت صاحب جي هرهڪ تصنيف نهايت اعليٰ درجي جي آهي، پر انهن سڀني ڪتابن مان راحة القلوب هڪ بهترين ۽ مقبول عام و خاص ڪتاب آهي، ڪتاب جو مضمون تہ نالي مان ئي ظاهر آهي، هن ڪتاب ۾ ذڪر ۽ غمن کي لاهڻ لاء بهترين وظيفا، دُعائون، خوش طبعي واريون حڪايتون درج ٿيل آهن.

سيِ ڪان پهريائين ١٣٧٦ هجري ۾ هي ڪتاب حضرت صاحب جن لکي پاڻ ڇپرائي تقسيم ڪيو. اڻ ڪان پوء اڄ تائين هن ڪتاب جا پنج ايڊيشن شايع ٿي چُڪا آهن ۽ الحمدلله هاڻي هن ڪتاب جو اردو ۽ انگريزيءِ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي، اميد تہ جلدي شايع ڪيو ويندو.

ڪتاب راحة القلوب سنڌي جو هي پنجون ايڊيشن آهي جيڪو توهان جي هٿن ۾ موجود آهي. هن نئين ايڊيشن ۾ پوري ڪتاب کي ڪمپيوٽرائيز ڪري شايع ڪيو پيو وڃي ۽ هرهڪ عنوان کي نمايان رکيو ويو آهي ۽ فهرست جي بہ اصلاح ڪئي وئي آهي.

راحة القلوب جي هن پنجين ايڊيشن جي ڇپائي سائين قمرالزمان شاه صاحب جن ڪرائي رهيا آهن. اسين سائين لاء دُعاگو آهيون شال

پاڻ سڏائين خوش آباد ۽ سلامت هجن ۽ دين ۽ دنيا جي ڪيڻ ترقي عطا ٿئي! آمين ثم آمين!

سائين قمرالزمان شاهه صاحب جو پروگرام آهي تہ راحة القلوب کان پوءِ راحة المخلصين شايع ڪيو ويندو ۽ ان کان پوءِ حضرت صاحب جون ٻيون تصنيفات جلد از جلد شايع ڪيون وينديون.

آخر ۾ سيني پڙهندڙ حضرات کي گذارش ٿي ڪجي تہ راحة القلوب جي مصنف قدس سره جي ايصال ثواب لاءِ هڪ دفعہ اَلْحَمْدُ شَرِيْفُ ۽ ٣ دفعا قُلْ هُوَ الله شريف ۽ اول ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهي، حضرت صاحبن جي روحن کي بخش ڪن ۽ هي دُعا گهرن تہ ياالله تون پنهنجي فضل و ڪرم سان مصنف عليہ الرحمة کي جنت الفردوس ۾ نهايت اعليٰ مقام عطا ڪر، اهو مقام جيڪو نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن کي ملي ٿو. رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّکَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَ تُبْ عَلَيْنَا اِنَّکَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ وَ صَلَّي الله تَعَالٰي عَلٰي حَبِيْبِهٖ وَ خَيْرِ خَلْقِهٖ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰي اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْن آمين!

راقم الحروف عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ

ازدرگاهہ مُجدديہ ٽنڊو سائينداد

مؤرخہ ٧ جون ١٩٩٦ع

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمدهٗ سُبحانهٗ وَتعالىٰ وَنُصلي وَنسلم عليٰ رسوله الكريم وعليٰ آلِهٖ وَاصحابه اجمعين

امّا بعد موجوده زماني ۾ ڏسجي ٿو تہ هر طرف کان هر طرح سان آفتون عام ۽ مصيبتون عالمگير ٿي ويون آهن. اوچتا حادثا، مهلڪ بيماريون، حيا سوز بد اخلاقيون خلق کي وڪوڙي ويون آهن. خاطر جمعي، اطمينان قلبي، خوشي ۽ خوشدلي تہ صُفحئہ عالم تان مِٽجي وئي آهي. ڪرہ ماڻهو حقيقي معنيٰ سان دلشاد ۽ دنيا جي غمن کان آزاد نہ ٿو ڏسجي.

يا غم دوست يا غم دشمن
هيچکس در زمانہ بے غم نيست (١)

جسماني بيمارين ۽ روڳن لاءِ تہ اجا کي حڪيم ۽ سوئن هٽڻ وارا سوين ڊاڪٽر موجود آهن، مگر روحاني تڪليف جا غمخوار ۽ دل جي دوا ڪرڻ وارا دلدار لڏي ويا.

کے از قبيلہ مجنون درين ديار نماند (٢)

باقي اسانجي رهبرن ۽ گذشتہ پيشوائن جيڪي علاج ڏسيا آهن ۽ جيڪي هدايتون ۽ تدبيرون ٻڌايون آهن، اسين موجوده ماحول جي مطابق ڪي هدايتون ۽ نصيحتون عام فهم سنڌي زبان ۾ هن مختصر رسالي اندر لکون ٿا. مَنَ ان جي مطالعي مان ڪنهن مسلمان کي فائدو ٿئي ۽ ڪنهن دوست جي دل خوش ٿئي، ڪنهن جو ڏک دور ٿئي يا غمن ۾ هلڪائي ٿئي، تنهن ڪري ان جو نالو "راحة القلوب" يا سنڌيءَ ۾ "غمن جو علاج" رکيو ويو آهي.

وهوالمستعان وعليه التکلان

---

(١) يا دوست جو غم يا دشمن جو غم (الحاصل تہ) زمانہ ۾ بي غم ڪوبہ ڪونهي. (٢) مجنون جي قبيلہ جو ڪو ماڻهو ملڪ ۾ رهيو ئي ناهي.

## باب پهريون

# غمن جو علاج اعتقادي ۽ اخلاقي عملن سان

هي قدرتي ڳالھ آهي، ناقابل انڪار حقيقت آهي. ته غمن جو زياده ويچار ڪرڻ ۽ گهٽي فڪر ۽ انتظار ڪرڻ سان غم زور وٺندو آهي. مچندو ۽ تلهو ٿيندو آهي، برخلاف ان جي بي پرواهي ۽ بي خيالي ڪرڻ سان غم سُسندو ۽ ڳرندو ويندو آهي. جيڪڏهن جبل جيڏو ڳرو ۽ وڏو غم هوندو اوهين اُن جي پرواه نه ڪندا، سولو ۽ هلڪو ڪري سمجهندا ته ٿوري وقت ۾ سُسي ڳري ڪافور ٿي ويندو ۽ هلڪو ڦلڪو ٿي اڏامي ويندو پر جيڪڏهن ڪک جهڙي هلڪي غم جو زياده فڪر ۽ ويچار ڳڻتي ۽ انتظار ڪندا رهندا ته اهو ڪک جهڙو غم جبل جيڏو وڏو ۽ ڳرو ٿيندو رهندو، ٿوري وقت ۾ ايڏو ته ڳرو ۽ وڏو ٿي ويندو جو اوهان جي تحمل ۽ برداشت جي طاقت عاجز ٿي ويندي. جسماني ۽ روحاني طاقتون اوهانجيون ڪمزور ٿي وينديون. عقل ۽ علم اوهان جو ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيندو. دل، دماغ اوهان جو خراب ٿيندو پوءِ اوهين نه دين جا ٿيندا نه دنيا جا بلڪ دنيا ۾ زنده در گور رهندا جو ته:

زندگی زندہ دلی کا ہے نام

مردہ دل خاک جیا کرتے ہیں

متئين بڌايل حقيقت ته ظاهر باهر آهي، روزمره تجربي ۽ مشاهدي ۾ اچي ٿي، دليلن سان ثابت ڪرڻ جي محتاج نه آهي، مگر مثالن ۽ نظيرن بڌائڻ سان ڳالھ زياده واضح ۽ حقيقت چڱي طرح ذهن نشين

ٿيندي آهي، تنهن ڪري تنهن جا ڪي نظير ۽ مثال پڻ ٻڌايون ٿا:

خوشتر آن باشد ڪه سر دلبران
گفته آيد در حديثِ ديگران (١)

حڪايت (١) سيّد غوث علي شاهہ پاني پتي جي تذڪره ۾ چشم ديد واقعو لکيل آهي تہ دهلي ۾ غدر جي زماني ۾ ٻہ ڄڻا ملزم گرفتار ٿيا هئا ۽ جيل ۾ پيا هئا. آخر هنن کي ڦاسي جي فتويٰ ملي، انهن ڏينهن ۾ انگريزن جو قاعدو هو تہ دهشت انگيزي ۽ رعب داب وهارڻ لاءِ ملزمن کي عالم آشڪار سرِبازار ڦاسيءَ تي لٽڪائيندا هئا. پوليس وارا ٻنهي نوجوانن جوابدارن کي جيل مان ڪڍي ڦاسي ڏانهن وٺيو ٿي ويا تہ هڪڙو جوابدار روئندو، رڙندو ۽ ڏڪندو ٿي ويو، تہ ٻيو جوابدار نچندو، ٽپندو ۽ کلندو ٿي ويو. ڦاسي تہ ٻنهي کي آئي مگر هڪڙي پنهنجو وقت خير خوشيءَ سان گذاريو ۽ مصيبت جو استقبال خنده پيشانيءَ سان ڪيو ٻئي بي فائده ڏک ۽ غم سان حياتي پوري ڪئي، نہ هن جي خوشي باقي رهي نہ هن جو غم، نہ هن جي روئڻ فائدو ڪيو نہ هن جي کلڻ. تقدير بهر صورت پنهنجو ڪم ڪري ٿي. چاهي ڪو روئي چاهي ڪو کلي پوءِ اجايو ڏک ڪري پنهنجو غم ٻيڻون ڪرڻ نہ گهرجي.

دنيا ۾ نہ خوشي باقي رهي ٿي نہ غمي، نہ هميشہ گرمي آهي نہ سدائين سردي، سڀ عيش ۽ خوشيون، سڀ ڏک ۽ مصيبتون بي بقا ۽ درگذر آهن. وَالْبَقَاءُ لِلّٰهِ (٢) وَحْدَهٗ سُبْحَانَهٗ وَ تَعَالىٰ

(١) اهو تمام سهڻو طريقو آهي تہ محبوبن جي راز جون خبرون ٻين ماڻهن جي عام ڳالهين ۾ درپرده بيان ڪري ويجن. (٢) الله تعاليٰ کي بقا آهي.

شادي نهيں رہتي ہے سدا غم نهيں رہتا
دنيا کا کبھي ايک سا عالم نهيں رہتا

حڪايت (٢) خراسان (١) ۾ هڪڙو درويش هو. "صوفي غمگين" جي نالي سان مشهور ٿي ويو هو. هن ويچاري کي غم جو احساس ايترو گهڻو ٿيندو هيو جو شهر ۾ يا اوڙي پاڙي ۾ ڪا پراڻي ڳالهه ڏک جي ٻڌندو هيو ته هو ملول ٿي گهر ۾ وهندو هيو. کائڻ، پيئڻ، ڳالهائڻ به ڇڏي ڏيندو هيو. هڪڙي ڏينهن دير دير سان شام جو گهر ۾ آيو ۽ سوڙ ۾ ويڙهجي سيڙهجي ماٺ ڪري سمهي رهيو سندس زال ويچاري ماني کڻي آئي ته ماني به نه کاڌائين. زال پڇيو ته سائين خير آهي؟ اڄ ڇا ٿيو آهي، چيائين ته ٻڌو اٿم ته فلاڻي ماڻهوءَ جي گڏهه وياڻي آهي تنهن کي کودو ڄائو آهي جنهن کي پڇ ڪونه آهي. يلا جيڪڏهن مينهن وسي ۽ گپ چڪ ۾ کودو گهيڙي پوي ته هن کي ڪيئن ڪڍندا (جو ته اهڙي وقت ۾ گڏهه کي پڇ مان جهلي اٿاريندا آهن) تڏهن زال عرض ڪيو سائين ان جو علاج آسان آهي کودي کي ڪَنَ ته آهن گپ ۾ گهڙي پيو ته يڪدم ڪنن مان جهلي ڇڪي ٻاهر ڪڍندا. چيائين هائو، چيائين ها، پوءِ اٿي ماني کاڌائين ۽ خوش ٿي ويٺو.

حڪايت (٣) مناسب مقام جي هتي هيو به اهڙو خنده آميز مگر نصيحت آموز نقل لکجي ٿو. هڪڙو شخص پنهنجي گهر ۾ ٻارن ٻچن سان ويٺو هو اتفاقاً "بادمخالف" وڏي آواز سان هن کان نڪري وئي. (پٺاڻن ۾ اهو وڏو عيب ليکيندا آهن ۽ شرم کان ٻڏي مرندا آهن) سو نهايت شرمساري کان منهن مٿو ويڙهي ٻاهر نڪتو ۽ گهر ڇڏي

(١) افغانستان جو قديم نالو.

هليو ويو. ڳولا ڦولا گهڻي ڪيائون مگر پتو ڪونه پيو ماڻهن ۾ هيڪاري ڳالهه مشهور ٿي وئي. هر ڪو پڇي ته ڦلاڻو ماڻهو ڇو پڇي ويو آهي، ڇو هي سبب ٿيو آهي. آخر سال ٻن کان پوءِ خيال ڪيائين ته هاڻي شايد ماڻهن کان اها ڳالهه وسري وئي هوندي، سو لڪندو، ڇپندو پنهنجي گهر جي در تي اچي بيٺو ۽ ڪن جهلي ٻڌڻ لڳو ته ماڻهو منهنجي باري ۾ ڇا ٿا چون منهنجي ڳالهه آهي يا نه، اتفاقاً سندس ننڍو پٽ جو ٻين ٻارن سان کيڏي رهيو هيو ٻئي ڇوڪري راند کيڏيندي هن کي مهڻو ڏئي چيو (اڙي هل هل ٽڙ جا پٽ) هن جو اهو لفظ ٻڌو وري ٻه پٺ ڏئي ڀڳو ۽ وڃڻ ڪي ويو.

سو جيڪڏهن هن خسيس ڳالهه کي هو ايترو وزن نه ڏئي ها! ۽ ضرورت کان زياده احساس حسرت جو نه ڪري ها! ته گهرجي ڳالهه هئي ڪنهن ٻڌي ڪنهن نه ٻڌي جو اُتي ڳالهه گم شم ٿي وڃي ها وري ڪنهن کي ياد به نه اچي ها! مگر جيئن هن ڳالهه کي ديگهه ڏني تيئن (طشت از بام ئي رسوائي) عالم آشڪار ٿي وئي جا اجا تائين مثال طور ڪتابن ۾ مذڪور ٿئي ٿي.

فارسي ۾ هڪڙي شاعر غمن جي احساس نه ڪرڻ لاءِ هي شعر ڏاڍو سٺو چيو آهي.

قوی شدی توچه شد ناتوان شدیم چه شد
چنین شدی تو چه شد ناچنان شدیم چه شد (۱)

---

(۱) قوي (پهلوان) ٿياسين ته ڇا ۽ جي لست ٿياسين ته ڇا. ههڙا ٿياسين ته ڇا، ههڙا ٿياسين ته ڇا.

هيچ وجه درين گلستان قرارے نيست
توگر بهاري شدي مـا خزان شديم چه شد (۲)

هتي شايد اوهين هي سوال ڪريو ته سائين، اسين ڇا ڪريون، اسان جو وس نه آهي، انسان کي ته غم الم جو احساس ضرور ٿيڻو آهي. تنهن جو جواب بالڪل ظاهر ۽ آسان آهي. احساس جون ٻه معنائون آهن. احساس لغوي معنيٰ سان يعني سمجهڻ ۽ پروڙڻ، سو ته بيشڪ هر هڪ جيئري جاڳندڙ انسان کي ضروري ۽ لازمي آهي، جيئن گرمي، سردي، روشنائي ۽ اونداهي، تلخي ۽ شيريني خوشبوءِ يا بدبوءِ محسوس ڪرڻ فطرتي ڳالهيون آهن انسان، انهن جي محسوس ڪرڻ ۾ مجبور آهي. تنهن خوشي يا غمي فقط محسوس ڪرڻ فطرتي ڳالهه ۽ قدرتي امر آهي اهو قسم احساس جو بيشڪ اضطراري لاچاري آهي. مگر اها معنيٰ اسان جي مراد نه آهي ان ۾ اسان جو بحث نه آهي.

ٻيو قسم احساس جو آهي اختياري (اصطلاحي معنيٰ سان) يعني زياده سودا پچائڻ، گهڻو سوچ ويچار ڪرڻ. نه ڪائڻ نه پيئڻ، ملول ٿي مات ڪري وهڻ، خوش ٿي پنهنجي يارن دوستن سان نه ڳالهائڻ. زالن وانگر سوڳ ڪري وهڻ، ڪپڙا ميرا ٿي وڃن ته نه وهنجڻ، نه پاڪ ڪپڙا پائڻ. اهي سڀئي ڪم اختياري آهن. مثال طور ڏسو ڪنهن شخص جو عزيز قريب مري ٿو وڃي ته هن کي ضرور ڏک ٿيندو، دل سڙندي، بعضي بي اختيار روئڻ به ايندو ان ۾ انسان جو وس نه آهي ۽ شريعت ۾ به گناه نه آهي. بلڪ صبر ۽

(۱) جڏهن ته، هن باغ ۾ ڪنهن به صورت سان قرار ڪونهي (رهڻون نامي، هلڻون ئي آهي ته پوءِ) تون جيڪڏهن بهار ٿئين ٿو مان خزان ٿي پيس ته پوءِ ڇا ٿي پيو.

شڪر ڪرڻ سان ان کي وڏا عظيم درجا حاصل ٿيندا. مگر جزع، فزع ڪرڻ مُنهن متو پٽڻ، ڪپڙا ڦاڙڻ، ڪارا ڪپڙا ڪرڻ، گوشت ۽ کير نہ کائڻ، پار ڪڍڻ، اجائي بڪواس ڪرڻ بلڪ بعضي ماٺهو تہ ڪفر جا ڪلما بڪندا آهن، چوندا آهن تہ (نَعُوذُ بِاللهِ) خدا تعالىٰ اسان سان ظلم ڪيو. اسان سان وڏو قهر ڪيو. اسانجو هڪڙو پٽ هيو سو بہ ڪسي ورتائين، ماري ڇڏيائين گويا پنهنجي خدا مولىٰ تبارڪ وتعالىٰ سان جنگ ڪرڻ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن، انهين ڳالهين ڪري تہ پاڻ غم، الم، زياده ٿيندو، مصيبت ۽ زحمت زور وٺندي، ڏک ۽ درد هر دم تازو ٿيندو رهندو وري مصيبت مٿان مصيبت. هي تہ جيڪي دوست آشنا همدردي ۽ عزا پُرسي لاءِ انهن وٽ ايندا آهن سي تہ هيڪاري باھ ٻاري ڏيندا آهن ۽ ماتم مچائي ڏيندا آهن. حالانڪ فاتحہ خواني ۽ عزا پُرسي جو راز ۽ مطلب هي آهي تہ پنهنجن عزيزن ۽ دوستن جي دل خوش ڪجي، ڪين تسلي ۽ تشفي ڏجي، غم رسيدن جو درد ميٽجي، سندن دل ٺارجي ۽ ڏک ٽارجي، ميت لاءِ مغفرت ۽ رحمت جي دُعا ڪجي. جيئرن کي صبر ۽ سڪون جي تلقين ڏجي. ادا! خدا تعالىٰ جي رضا تي راضي رهو دل کي خوش رکو، صبر ۽ شڪر ڪريو، تہ آخرت ۾ اوهان کي صبر ۽ شڪر جا وڏا درجا ملندا ۽ دنيا ۾ پڻ خدا تعالىٰ اوهان کي نعم البدل عطا فرمائيندو، نہ ڪِ مورڳو هڻ جي ٿٽن تي لوڻ ٻرڪجي هڻ جو غم تازه بتازه نوبنو ڪجي. هتي صبر جميل جو هڪ قابل تقليد مثال زمانہءِ حال جو اوهان کي ٻڌايون ٿا.

صاحبزاده عبدالحق جان (جو اسانجي ڏاڏي مرحوم خواجہ

عبدالرحمان جان جو ننڍو پٽيتو ۽ هيو خوبصورت، نيڪ سيرت نوجوان هيو. سندس شادي خانہ آبادي جا ڏينهن پڌا هوائون. سندس والد ماجد اڳي گذاري ويو هيو ۽ پنهنجي ماءُ جو فقط اهو هڪڙو نور بصر، لخت جگر هيو اڄ رات سندس شادي ٿيڻي هئي. شادي جو مڪمل انتظام دستور موجب ٿي ويو هيو گويا ڏيڄ ۾ فقط ڪفن ڏيڻ جي ڪوتاهي هُئي جا هينئر پوري ڪئي وئي. جيئن مير ذوق پنهنجي نياڻي جي مرثيہ ۾ چيو آهي.

اب آیا یاد اے آرام جان اس ناتوانی میں
کفن دینا تجھے بھولے تھے ہم اسباب شادی میں

ڄاڃي ڪي آيا آهن ڪي اڃڻ وارا آهن ان ڏينهن پاڻ ڦنڌار ۾ درياءُ تي وهنجڻ ڪپڙا لٽا مٽائڻ ويو آهي، تقدير الهي سان درياءُ ۾ غرق ٿي ويو. منجهند جو سندس لاشو گهر کڻي آيا آهن تڪفين ۽ تدفين ۾ ماڻهو مشغول ٿي ويا آهن. بي بي صاحبہ سندس والده ماجده مصلوٰ وڇائي وضو ڪري نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿي وئي. ڪاڏا، پيتا، رڌا، پڪا، ماڻهن کان وسري ويا. سڀ زارو زار بي اختيار روئي رهيا آهن. شام جو حويلي ۾ مهمانن لاءِ دستر خوان وڇايو ويو ۽ مهمانن کي ماني کائڻ لاءِ سڏيو ويو. ڀلا ڪير آهي جو اهڙي دلگداز قيامت خيز واقعہ ۾ مانيءَ جي خواهش ڪري يا گرهہ کائي. بي بي(١) صاحبہ سمجهيو تہ منهنجي ڪري شايد هي سڀ بار بچا ۽ زالون

---

(١) اها بي بي سگوري زهد، عبادت، تقويٰ ۽ طهارت ۾ بي نظير هئي. سندس عجيب و غريب مافوق العادات ڳالهيون مشهور و معروف آهن. مرحوم مڪہ معظمہ ۾ جنهن سال حضرت خواجہ عبدالرحمٰن صاحب هجرت ڪري وڃي رهيا، فوت ٿي وئي ۽ جنت المعليٰ ۾ مدفون ٿي رحمها الله تعاليٰ رحمةً واسعةً.

ماني نہ ٽيون ڪائڻ ڏينهن جو بہ ماني کنهن ڪانہ ڪاڏي آهي پاڻ اچي دسترخوان تي ويٺي ۽ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيائين تہ ڪرو چلمچي کڻي اچ هٿ ڌوراءِ ٻيہن کي چوي اچو بِسمِ اللهِ ڪري ماني کائو رزق ربّ جو آهي ڇو نہ ٽيون ڪائو. اُهُ ربّ جي رضا تي راضيائي آهيان شال رَبّ راضي هجي، اچو اُهُ بہ اوهان سان گڏجي ماني کايان تي بِسمِ اللهِ ڪري ماني ۾ هٿ وڌائين.

**فائده:** (شرعي عملن ۾ اعتدال ملحوظ رکڻ گهرجي) شرعي احڪام ۽ اسلامي نيڪ عملن جو دارومدار آهي اعتدال تي. جنهن کي شريعت ۾ "صراط مستقيم" چئجي ٿو. جا سئين سڌي سولي واٽ ۽ دين دنيا جي بهتري ۽ راحتن جو رستو آهي. ٻيا ٻئي پاسا افراط. تفريط جا فطرت جي خلاف ۽ شريعت ۾ مذموم ۽ ممنوع آهن. مثلاً سخاوت ۽ ڪنجوسي، شجاعت ۽ بزدلي تواضع ۽ تڪبرّ، سختي ۽ نرمي، شادي ۽ غمي، سمهڻ ۽ جاڳڻ، کائڻ ۽ پيئڻ، رئڻ ۽ کلڻ، ڳالهائڻ ۽ چپ ڪري وهڻ، مطلب تہ جيڏانهن نظر ڊوڙائيندا اعتدال جو جلوه جمال اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ۽ هر جاءِ تي هر حال ۾ اهو قاعدو قانون اوهان کي خيال ۾ رکڻ گهرجي. انهي قاعده قانون موافق بي اختيار غم ٿيڻ يا حدود شرعيه اندر ڏک ڪرڻ تہ محمود آهي، تقاضا بشري آهي، انساني فطرت آهي، باعثِ شفقت و رحمت ۽ قلب جي رقت جو ثبي تو بلڪ ٻين گهڻن نيڪ خلقن جو بنياد آهي. تنهن کان زياده قدم کڻڻ ۽ نمائشي ماتم ڪرڻ نہ فقط بي سود ۽ عبث آهي بلڪ باعثِ وبالِ جان ۽ نقصان دين و ايمان آهي. جيڪڏهن غم جو احساس نہ ڪرڻ ۽ خوش باش رهڻ جي عادت

ناممڪن ۽ محال هجي ها تہ خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ جا. بجاءِ ان
جو امر نہ فرمائي ها نہ رسولِ خدا ﷺ ان لاءِ ارشاد فرمائي ها! جو تہ
خدا تعاليٰ ناممڪن ۽ محال ڪمن لاءِ امر نہ ٿو فرمائي ۽ بندن کي
مافوق الفطرة ڳالهين لاءِ مجبور نہ ٿو ڪري.

لَا يُكَلِّفُ اللهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ط

هڪڙي جاءِ تي قرآن شريف ۾ مذڪور آهي تہ رسولِ خدا ﷺ
پنهنجي يارِ غار ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي فرمائي ٿو لَا تَحْزَنْ
اِنَّ اللهَ مَعَنَا ج" (يعني تون انتظار نہ ڪر الله تعاليٰ اسان جو همراه ۽
مددگار آهي.

۽ ٻئي جاءِ تي قرآن شريف ۾ خدا تعاليٰ پنهنجي محبوب مدني ﷺ
جي تسلائي ۽ خاطر جمعي لاءِ فرمايو آهي.

وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللهِ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَاتَكُ فِيْ ضَيْقٍ
مِمَّا يَمْكُرُوْنَ ○ اِنَّ اللهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُحْسِنُوْنَ ○

يعني تون هنن جي مڪرن ۽ منصوبہ سازين جو غم نہ ڪر ۽
تنگ دل نہ ٿي بيشڪ الله تعاليٰ تقويٰ وارن ۽ نيڪو ڪارن سان
همراه آهي.

۽ الله تعاليٰ پنهنجي ولين جي تعريف ۾ فرمايو آهي. اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ
اللهِ لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ○ خبردار تحقيق اولياءَ الله جا
ناهي ڪو خوف خطره انهن تي ۽ نہ هو ڏک وارا ٿين ٿا.

هيترين هدايتن ۽ اشارتن بشارتن هوندي اوهين جو ٿا غمن ۾ پاڻ
کي ڳاريو رَب جي رضا تي هر حال ۾ راضي رهو، خوش باش گذاريو
تہ اوهين بہ ولين جي جماعت ۾ داخل ٿيو ۽ خاص بندن ۾ شمار

ٿيو. اڄ ڪلهه زماني ۾ اهو عذر لنگ عام ٿي پيو آهي، خوب خصلتن ۽ نيڪ عادتن تي عمل ڪرڻ لاءِ اڪثر اهو عذر پيش ڪيو ويندو آهي ته اسين ڇا ڪريون اسان جو وس نه آهي. مگر اهو چوڻ سندن غلط آهي ۽ اهو عذر نامعقول آهي. انسان پنهنجي ڪوشش سان پنهنجي همت سان سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي.

وہ کونسا عقدہ ہے جو وا ہو نہیں سکتا
کوشش کرے انسان تو کیا ہو نہیں سکتا

في الحقيقت اعتدال تي هلڻ سولو رستو آهي ۽ اسلامي اصولن جي عين مطابق آهي. افراط تفريط ۾ وڃڻ ڏکيو آهي، ناقابل عمل ۽ خوفناڪ رستو آهي. جيڪڏهن خواه مخواه ان تي هلندو اڳتي ٿورو هلي يا ڪنڊن ۾ ڦاسندو يا کڏن ۾ ڪرندو ۽ ضرور تنهن جا خراب نتيجا ڏسندو.

از مکافاتِ عمل غافل مشو
گندم از گندم بروید جَو ز جو (۱)

## غمن جو علاج حسن ظن سان

حديث قدسيءَ ۾ آيو آهي ته اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِيْ بِيْ ● الله تعالیٰ ٿو فرمائي ته آءٌ پنهنجي ٻانهي جي گمان جي ويجهو آهيان. يعني جيڪڏهن مون ۾ چڱو گمان ۽ نيڪ اعتقاد رکندو ته آءٌ به ساڻس قرب ڪندس ۽ چڱائي ڪندس ۽ جيڪڏهن مون ۾ بداعتقاد ۽

(۱) عمل جي نتيجو (جزا، سزا) کان غافل نه ٿي (آخر ته) ڪڻڪ جي ٻج مان ڪڻڪ ايرندي جوَن مان جوَ پيدا ٿيندا.

بدگمان رکندو تہ آءٌ بہ کيس اهڙي جزا ڏيندس ۽ سندس گمان جو نتيجو ڏيکاريندس. بدظن، بدگمان تہ پاڻ جهڙي ماڻهو سان رکڻ بہ چڱو نہ آهي ۽ تنهن مان گهڻا خراب نتيجا نڪرن ٿا. ڇہ جائيڪ پنهنجي موليٰ مهربان الله تبارڪ و تعاليٰ سان بدگمان رکجي. حسن ظن جي معنيٰ ڇا آهي، يعني بندو ايمان آڻي ۽ يقين رکي تہ منهنجي باري ۾ جيڪي خدا ڪري ٿو يا جيڪي تڪليفون مون تي اچي ٿو سي سڀ منهنجي فائده لاءِ آهن ۽ منهنجي چڱائي لاءِ آهن اگرچہ اسين انهن جون معنائون نہ سمجهون، انهن جي فائدن جي ۽ انهن جي حڪمت جي اسان کي خبر نہ پوي ۽ ظاهر ڪري اهي تڪليفون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ غمن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿيون، مگر انهن ۾ بي شمار فائدا ۽ خوشگوار نتيجا مضمر آهن. وڏو فائدو تہ هن جي ديني اصلاح ۽ حيات ابدي جي واسطي آهي.

حقيقت ڇا آهي؟ تہ انسان جي عادت آهي جڏهن بالڪل شاد و آباد ٿيندو آهي، ميو متارو رهندو آهي، هميشہ عيش عشرت ۾ گذاريندو آهي تڏهن پنهنجي خالق موليٰ تبارڪ وتعاليٰ کي صفا وساري ڇڏيندو آهي. غرور، مستي ۽ خودپرستي ۾ سرشار ٿي ويندو آهي. هزارين بدعادتون، بداخلاقيون، وڏائي، خود نمائي، مردم آزادي، بي رحمي وغيره وغيره هن ۾ پيدا ٿينديون آهن بالڪل باغي ۽ طاغي ٿي ويندو آهي. ڪَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓي ۝ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰي ۝ تڏهن رحمت الاهيٰ هن جي گردن ۾ رسو وجهي پاڻ ڏي ڇڪيندي آهي ۽ موجن ۾ غرق ٿيڻ کان ڪيندي آهي. بيمارين ۾، ڏکن ۾، سورن ۾ يا مفلسي ۾، تنگدستيءَ ۾ گرفتار ڪري ان

ڏانهن موڙيندي آهي پوءِ بندو نادان پنهنجي اک پٽيندو آهي. پنهنجي حيثيت پنهنجي عجز ۽ ناتواني جي ڪلَ پوندي آهيس، تڏهن خدا تعاليٰ کي ياد ڪندو آهي، دانهون ڪندو آهي، دعائون گهرندو آهي، پيرن فقيرن وٽ ويندو آهي خير خيراتون ڪندو آهي، توبہ تائب ٿيندو آهي، گناهن جي معافي گهرندو آهي، آئنده سنئين واٽ تي هلڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي جيئن خدا تعاليٰ هڪڙي جاءِ تي سندس احوال بيان فرمايو آهي.

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَاۗىِٕمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ۭ

جڏهن انسان کي ڪا مصيبت ۽ تڪليف وني تي تڏهن هو اسان کان دعائون تو گهري هر حال ۾، سُتي، ويٺي، اٿي اسان کي سڏي تو. پوءِ جڏهن اسين هن جون مصيبتون دفع ڪريون تہ وري اهڙو مغرور بي پرواه ٿي هلندو آهي گويا هن اسان کان نہ دعا گهري آهي نہ ڪڏهن ڪا التجائي ڪئي آهيس. (سورة يونس رڪوع نمبر٢ پاره نمبر١١)

خير مطلب تہ اهي دنيا جون تڪليفون ۽ مصيبتون هن جي فائدي لاءِ، هن جي اصلاح لاءِ هن جي جان جي بچاءَ لاءِ ڪيون وجن ٿيون، مگر هو بدگماني تو ڪري، بدظني تو ڪري، چوي تو تہ خبر ناهي خدا تعاليٰ جو اسان تي ڪهڙو ڏمر آهي، خبر ناهي ڪهڙو غضب ٿيو آهي. جو اهڙي عذاب اليم ۾ اسان کي گرفتار ڪيو آهيس، سورن ۾ ساڙيو ۽ ڏکڻ ۾ ڳاريو آهيس.

دوستو! اها آهي بدگماني، اها آهي وڏي بدظني جا بندو پنهنجي

اسانکي به دنيا ۾ اهڙيون تکليفون رسن ٿيون ها ۽ جيڪر اسان جو گوشت قينچي سان ڪپجي ها ته هتي اسان کي ابدي راحتون ۽ اهڙيون نعمتون پائدار حاصل ٿين ها.

في الحقيقت انسان جو درجو ۽ شان ملائڪن کان مٿاهون ٿيو آهي، سو به انهن مصيبتن ۽ تکليفن جي سهڻ ڪري آهي ورنه عبادت ۽ اطاعت جي ڪري ته ملائڪ انسان کان زور آهن.

رنج و زحمت کے لیے پیدا کیا انسان کو
ورنہ طاعت کے لیے کچھ کم نہ تھے کرد بیاں

هي ته حسن ظن پيدا ڪرڻ لاءِ اوهان کي معنوي فائدا ٻڌايا ويا پر اوهان کي ظاهري اکين ڏٺا مثال خود اوهان جا آزمايل حادثا ٻڌايون ٿا. اوهين پنهنجي ڊائري ڏسو گذشته زمانو زندگانيءَ جو ياد ڪريو ڪيترا دفعا خود اوهان کي ناگهاني واقعا درپيش آيا هوندا ۽ سخت مصيبتن خطرناڪ آفتن اوهان تي حملو ڪيو هوندو. مگر اوهين ڪرڻ کان، مرڻ کان، ٻڏڻ کان، سڙڻ کان، بال بال (١) بچي ويا هوندا. غيبي قدرت ۽ امداد اوهان جي دستگيري ڪئي هوندي ۽ خدا تعاليٰ پنهنجي فضل و ڪرم سان اوهان کي بچايو هوندو. مصيبتون ٽري ويون هونديون ۽ اوهين صحيح سلامت نڪري ويا هوندا.

هاڻي به اُهو خدا آهي، اهو مالڪ مهربان آهي، هيترو وقت ماضيءَ جو سڄي عمر مثلاً سٺ، ستر سال اسان کي خير خوبيءَ سان عزت آبرو سان هلايو آهيس ته هاڻي مستقبل ۾ به اسان سان

---

(١) بال بال هندستاني لفظ آهي يعني وار وار بچي ويو.

مدائي ڪاڻ ڪندو پڇاڙيءَ ۾ خوار و خراب ڪونه ڪندو، اسان سان اهڙائي ورڻ ۽ ڀلايون ڪندو جهڙي طرح اڳي ڪيون آهنس ۽ جئين اسان کي ناز ۽ نعمتن سان هميشه پاليو ۽ راحتن سان هيرايو آهيس تئين اڳتي به اسان کي هلائيندو، هڪڙي عربي شاعر هي مضمون ڏاڍي سٺي پيرايه ۾ چيو آهي. اوهين هر وقت هن حڪيمانه مقوله سان پنهنجي دل خوش ڪريو ۽ ورد زبان رکو.

رَضِيْتُ بِمَا قَدَّرَ اللهُ لِيْ وَفَوَّضْتُ اَمْرِيْ اِلٰي خَالِقِيْ

لَقَدْ اَحْسَنَ اللهُ فِيْمَا مَضٰي كَذَا يُحْسِنُ اللهُ فِيْمَا بَقِيْ

يعني آءٌ پنهنجي قسمت تي راضي آهيان ۽ پنهنجو ڪم پنهنجي خالق ڏانهن سوپاريان ٿو جنهن مون سان زمانه ماضيءَ ۾ احسان ڪيا آهن، تحقيق سوئي مون سان مستقبل ۾ اهڙا احسان ۽ ڀلايون ڪندو رهندو. اِها آهي معنيٰ حسن ظن جي.

## غمن جو علاج صبر ۽ توڪل ڪرڻ سان

اِهي ٻئي صفتون الله تعاليٰ کي نهايت پياريون آهن. صابرن ۽ متوڪلن کي الله تعاليٰ تمام محبوب ٿو رکي قرآن شريف ۾ جابجا هنن جي مدح ۽ تعريف آئي آهي. في الحقيقت دين جي ڪمن ۾ خواه دنيا جي ڪمن ۾ سرُ خروئي ۽ ڪاميابي انهن ٻنهي صفتن تي موقوف آهي.

دراصل عربي لغت ۾ صبر جي معنيٰ آهي انسان جو پنهنجي حال تي برقرار ۽ قائم رهڻ ۽ تغيّر و تبدّل احوال ۾ نه ڪرڻ خواه حق تي هجي خواه ناحق تي جئين هن آيت ۾ ڪافرن جو قول منقول ٿيل آهي.

وَاصۡبِرُوۡا عَلٰٓي اٰلِهَتِكُمۡ ۖۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيۡءٌ يُّرَادُ ۝

(سورة صٓ رڪوع نمبر١ پاره نمبر٢٣)

يعني پنهنجن بتن کي چنبڙي وٺو ۽ مسلمانن جي چوڻ تي انهن کي نہ ڇڏيو.

شريعت ۾ ڇٻبو آهي حق تي قائم رهڻ ۽ پنهنجي صحيح اصول کي نہ ڇڏڻ ان راه ۾ جيڪي تڪليفون درپيش اچن تن جو جوان مرديءَ سان تحمل ڪرڻ، مختلف وقتن ۽ حالتن جي ڪري صبر جون صورتون مختلف ٿيون ٿين.

(١) مثلاً مصيبت جي وقت ۾ ڪنهن جو عزيز فوت ٿئي تہ قضاتي راضي رهڻ ۽ جزع فزع نہ ڪرڻ کي صبر ڇٻبو آهي. جئين خدا تعاليٰ فرمايو آهي. وَبَشِّرِالصّٰبِرِيۡنَ ۝ الَّذِيۡنَ اِذَآ اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِيۡبَةٌ قَالُوۡٓا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ ۝

(٢) مخالفن جي مقابلي ۾ هر قسم جي تڪليفن ۽ سختين جو مردانگيءَ سان برداشت ڪرڻ پنهنجي جدوجهد کي قائم رکڻ، پوئتي پير نہ هٽائڻ کي بہ صبر ڇٻبو آهي، جئين هن آيت ۾ تنهن جو بيان آيو آهي.

وَالصّٰبِرِيۡنَ فِي الۡبَاۡسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيۡنَ الۡبَاۡسِ (سورة بقر رڪوع نمبر٢٢ پاره نمبر٢) انهيءَ معنيٰ جو مصداق اوهين حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ جي اولوالعزمي ۽ ميدان ڪربلا جي واقعات مان بخوبي معلوم ڪري سگهو ٿا.

(٣) حصول مقصود لاءِ جاني و مالي قرباني ڪرڻ ۽ خوشيءَ سان تڪليف ۽ مشقت کي برداشت ڪرڻ جئين حضرت اسماعيل عليہ السلام قرباني جي وقت پنهنجي پيءُ کي چيو. "سَتَجِدُنِيۡٓ اِنۡ

شَآءَاللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ○ (سورة وَ الصّٰفّٰتِ رکوع نمبر٣ پاره نمبر٢٣)

(۴) هر کو کم سانت سان آرام سان ڪرڻ قبل از وقت جلد بازي ۽ تڙ تڪڙ نہ ڪرڻ کي بہ صبر چئبو آهي. جيئن عرب صاحب لهڻ چڙهڻ وقت حاجين کي چوندا آهن. اِصْبِرْ يَا شَيْخُ اِصْبِرْ ۽ انهيءَ معنيٰ سان قرآنِ شريف ۾ آيو آهي. "وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰي تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ط (سورة حجرات رکوع نمبر١ پاره نمبر ٢٦)

جڏهن بعضي اصحابي سرورِ ڪائنات عليہ الصلواة والسلام جي در تي اچي جلد بازي ڪري حضور انور کي حرم سراءِ کان ٻاهر اچڻ لاءِ سڏ ڪندا هيا تڏهن هن کي حکم ٿيو تہ خبردار اڳتي ائين نہ ڪريو صبر ڪري ماٺ ڪري ويهو، جڏهن حضور جن ٻاهر تشريف فرما ٿين پوءِ آرام سان عرض معروض ڪريو.

(۵) ڪنهن کان چُڪ خطا ٿئي، دوستن آشنائن کان، يا نوڪرن چاڪرن کان تہ انهن تي چشم پوشي ڪرڻ ۽ صبر و تحمل سان برداشت ڪرڻ کي بہ صبر چئبو آهي. انهيءَ معنيٰ ڏانهن اشارو آهي هن آيت شريف ۾ وَلَمَنْ صَبَرَ وَ غَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ○ (سورة شوريٰ رکوع نمبر۴ پاره نمبر٢۵)

مطلب تہ صبر جون وسيع معنائون آهن ۽ وسيع معنائن جي ڪري، وسيع اخلاقن، صفتن ۽ نيڪين جو حامل آهي. خصوصاً هن پوئين معنيٰ تي عمل ڪرڻ سان اوهان جي روزمره گهريلو (يعني گهر واري) زندگاني خوشگوار ٿيندي ۽ بي فائده جوش و خروش، غم، غُصہ کان آزاد رهندؤ ۽ عام فهم لفظ خوش خلقي ۽ نرميءَ سان اسين هن ڪتاب ۾ ان جو تعبير ڪريون ٿا.

# غمن جو علاج خوش خلقيءَ سان

آسايش دو گيتي تفسير اين دو حرف است

با دوستان تلطف با دشمنان مدار (١)

خوش خلقي اهڙي سهڻي صفت آهي جنهن سان اوهين پاڻ به خوش رهي سگهو ٿا ۽ خلق کي به خوش رکي سگهو ٿا. خوش خلقيءَ سان اوهين وڏو ڀاڱو غمن ۽ ڏکن جو ٽاري سگهو ٿا. خوش خلقي سان اوهين پنهنجي دشمن کي به بهترين دوست بڻائي سگهو ٿا ۽ بدخلقيءَ سان اوهان جا دوست به بدترين دشمن بڻجي ويندا، اوهان کي ڏکن ۽ غمن جو طوفان وڪوڙي ويندو، اوهان جي صحت خراب ۽ آرام حرام ٿي ويندو. ڌاريا ته ڌاريا پر پنهنجا به دشمن ٿي ويندا.

بنده حلقه بگوش اگر نه نوازي برود

لطف کن لطف که بيگانه شود حلقه بگوش (١)

خوش خلقي سان اوهين ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ وٺندا نه ته اوهان جي مُنهن ڏانهن به ڪو نه نهاريندا، خوش خلقيءَ سان اوهين سڀني ماڻهن کي وڻندا ۽ بدخلقي سان ڪنهن کي به ڪو نه وڻندا. اوهان جون جيڪي صفتون ۽ فضيلتون آهن، اوهان جو حسن و جمال.

---

(١) ٻنهي جهانن جي آرام ۽ آسائش جو بهترين نسخو هي آهي ته دوستن سان مهرباني ڪر ۽ دشمنن سان به ظاهري طرح صلح ۽ چڱائي ڪر.

(٢) تنهنجو حلقه بگوش (نڪ ۾ نوڙي پيل) تابعدار به ڏاڍائي ڪندين ته توکان نهي ويندو ۽ جي مهربانيون ڪندين ته ڌاريو به تنهنجو حلقه بگوش (تابعدار) ٿي ويندو.

اوهان جو فضل و ڪمال، اوهانجو علم ۽ عقل اوهانجو مال ۽ دولت، اوهانجي ولايت ۽ ڪرامت، سيني جو دارومدار اوهانجي خوش خلقيءَ تي آهي، بدخلقي سان اوهين سڀ صفتون پنهنجون بيڪار ۽ سڀ هنر ۽ قابليتون پنهنجون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندا.

پس بدانکه صورت خوب و نکو
باخصال بد نیرزدیک تسو (٢)

جيڪڏهن اوهين ملازم پيشه آهيو ۽ ڪنهن رئيس يا امير وٽ نوڪر آهيو ته حسن اخلاق اوهان کي جلدئي بام ترقيءَ تي پهچائيندو، خسته حالي اوهانجي خوش حاليءَ سان بدلجي ويندي، مفلسي ۽ تنگدستي جي زنجيرن بجاءِ دولت ۽ آسوده حالي اوهانجا پير چمندي.

جيڪڏهن اوهان ڊاڪٽر يا حڪيم آهيو يا پير صاحب سجاده نشين آهيو ته اوهانجي همدردي ۽ خوش خلقي سان ماڻهن جا ميڙ اوهان وٽ لڳي ويندا ۽ هرڪو اوهانجي تعريف جا قصيدا پڙهندو ۽ واڪاڻ ڪندو.

اخلاق سب سے کرنا تسخیر ہے تو یہ ہے
خاک آپ کو سمجھنا اکسیر ہے تو یہ ہے

دنيا ۾ ماني جو بکيو ڪو ڪونه آهي. عزت جو بکيو هر ڪو آهي اوهانجي دنيا ۽ دولت، اوهانجي عزت ۽ سلطنت پنهنجي واسطي آهي (تنهن ۾ بين جو ڇا) اوهانجي خوش خلقي ۽ شفقت

---

(١) پوءِ ڄاڻ ته صورت سهڻي ۽ موچاري جي باوجود، جي عادتون بد آهن ته اهو ماڻهو هڪڙو ڪسيرو به نه لهي.

جهان جي واسطي آهي، مال ڏئي اوهين جهان کي پورا ڪونه پوندا خوش خلقي سان اوهين سڀ کي راضي ڪري سگهندا.

حديث شريف ۾ آيو آهي:

لَنْ تَسْعَوَا النَّاسَ بِاَمْوَالِكُمْ فَسَعُوا هُمْ بِاَخْلَاقِكُمْ - اوهين خلق کي مال ۽ دولت سان پورا نه پوندا بلڪ خوش خلقي ۽ نيڪ اخلاق سان خلق کي پورا پوندا ۽ سيني کي گرويده ۽ زر خريده غلام بنائي سگهندا جو ته "اَلْاِنْسانُ عَبِيدُ الْاِحْسانِ"

بنده خلقه بگوش اگر نه نوازي برود
لطف کن لطف که بيگانه شود حلقه بگوش

بعضي ماڻهو اهڙا زود رنج نازڪ مزاج ٿيندا آهن جو خواه مخواه توري گهٽيءَ ڳالهه تي سجو ڏينهن گهر ۾ ڪُبي ۽ ڪِٽ ٻٽ مچايو ويٺا هوندا آهن. رفيقهٔ حيات سان ٻارن ٻچن سان، نوڪرن چاڪرن سان خسيس ڳالهين تي رات ڏينهن ڪاوڙ، جهيڙو، جهڳڙو سندن لڳو ايندو آهي. چوي اڄ گوشت چو رڌو اٿو، اڄ ڀاڄي چو نه ڪئي اٿو، هي شيءِ هتان ڪنهن ڪئي، هُتي چو رکي؟ اڙي هٽ ڀَڃنئي هي پاڻ چو ڀڳئي، هتي پاڻي ڪنهن هاريو؟ انڌي آهين ڇا؟ پاڻ به غم غصي ۾ رهندو ته گهرجي ڀاتين جي به زندگاني تلخ ۽ ڪاڏو پيتو زهر ڪري ڏيندو.

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه چيو آهي ته مون ڏهه سال آنحضرت ﷺ جي حاضريءَ ۾ خدمت ڪئي مون کي ڪڏهن نه چيائون ته هي ڪم چو هيئن ڪئي، هوئنءِ چو نه ڪئي، حضرت امام حسن رضي الله عنه جو نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن سندس

غلام مجلس ۾ مهمانن کي ماني کارائي هٿ ڌواريا ته اوچتو چلمچي سندس هٿان ڪري پئي سيني جا ٽانو ۽ ڪپڙا خراب ڪري ڏنائين. امام صاحب ڪاوڙ مان هن ڏي نهاريو ته هن چيو "وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ" ط (سورة العمران رکوع نمبر١۴ پاره نمبر۴) امام صاحب غم کائي چيو نهيو مون ڪاوڙ ڇڏي توکي معاف ڪيم، تڏهن وري هن پوري آيت پڙهي ٻڌائي. "وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ" ۝ امام صاحب چيو وڃ تون هميشہ لاءِ آزاد آهين (اهو توتي احسان به ڪريان ٿو.

پاڪ سڳورن اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ فرمايو آهي ته بهترين شخص اوهانجو اهو آهي جو پنهنجي اهل و عيال لاءِ بهترين هجي خاص طور رفيقہءِ حيات سان حسن معاشرت رکڻ لاءِ ته حضور ﷺ جن ڏاڍو سهڻون مثال ڏنو آهي. "عورت مثل پاسراٽي انسان جي آهي، جيڪڏهن اوهين ياٽيو ته اسين پنهنجي پاسراٽي سنئين سڌي ڪريون ته اها ڀڄي پوندي (اوهان کي هلاڪ ڪندي) ۽ جيڪڏهن اهڙي طرح ڏنگائيءَ سان گذران پيا ڪندؤ ته وقت خير جو پيو گذرندو."

اوهين حسن معاشرت جا آداب سکو، محمدي ﷺ اخلاق ياد ڪريو، ڏسو ته آنحضرت عليہ الصلوٰة والسلام پنهنجن اهل بيت سان ڪهڙي نہ حسن معاشرت ڪئي آهي. ڪيتري قدر سندن مرضي ۽ عزت رکي آهي. ٻين اصحابن ۽ امامن ڇا ڪيو آهي. اسين هتي جون حڪايتون لکنداسين ته ڪتاب ڏِسو تي ويندو اوهين به انهن جي نقش قدم تي هلو. اجايو جوش، خروش، زياده غم ۽ غصو نہ ڪريو، ڪجهہ پنهنجي نفس ۽ طبيعت تي به ضابطو رکو رڳو ٻين کي ڏوهہ نہ ڏيو.

تا کہ ملامت مسژۂ اشکبار من
یکبار ہم نصیحت چشم سیاہ خویش (١)

ممڪن آهي تہ اوهان جي گهر جا ماڻهو يا ٻيا دوست آشنا ۽ نوڪر چاڪر نيڪ نيتيءَ سان اوهانجو ڪم ڪن سو اوهان کي نہ وڻي اوهانجي مرضي ۽ منشا جي برخلاف هجي چو تہ انساني فطرت ۾ اختلاف نظر جو ۽ اختلاف رائي جو ضروري آهي. دنيا ۾ سڀ ماڻهو هڪڙي رائي جا، هڪ خيال جا ڪڏهن بہ نہ ٿيٽا آهن نہ ٿيندا. اوهين هنن جي راءِ کي ۽ خيال کي بہ قابل قدر سمجهو ۽ ٿڌي دل سان هن تي غور ڪريو اهو لازم نہ آهي تہ خواه مخواه اوهانجو خيال ۽ رايو صحيح هجي (اوهين لوح محفوظ تہ ڏسي ڪونہ آيا آهيو) ممڪن آهي تہ في الواقع اوهانجو خيال ۽ رايو غلط هجي ۽ هنن جو صحيح. اوهانجي واسطي في الحقيقت نافع هجي ڪٿي قبول ڪريون تہ اوهانجو خيال صحيح ۽ هنن جو في الواقع غلط آهي تہ بہ اها غلطي جا نيڪ نيتي تي مبني هجي قابل عتاب و خطاب ۽ تشدد جي نہ آهي بلڪ بجاءِ صواب جي آهي ۽ قابل ثواب آهي، آخر هو بہ انسانٌ آهن ۽ انسانن سان خطا ۽ ڀُل چوڪ لازم ۽ ملزوم آهي ڪهڙو انسان آهي جو خطا کان خالي آهي.

دانائن چيو آهي، دانا ۾ اهو شرط نہ آهي تہ هو خطا يا غلطي نہ ڪري. شرط هي آهي تہ غلطيءَ تي قائم نہ رهي. اجتهادي غلطيون تہ امامن کان بہ ٿيل آهن. "اَلْمُجْتَهِدُ يَخْطِيُ وَيُصِيبُ. قاعدو ڪليو

(١) منهنجي وهندڙ ڳوڙهن (اکين) تي ڪيستائين ملامت ڪندو رهندين، هڪڙي ڀيري تہ پنهنجن ڪارين اکين کي بہ نصيحت ڪر جيڪي منهنجن لڙڪن وهائڻ جو سبب بڻيون آهن.

آهي مگر اُها خطا لائق مدح و ثنا آهي نہ قابل سختي و سزا و ملامت.

خوش خلقي جيڪڏهن اوهانجي طبعي عادت نہ آهي تہ زور سان تڪلف سان پنهنجي طبيعت کي مجبور ڪري بہ پيدا ڪريو، پنهنجا ڏک ۽ پنهنجا غم دل ۾ لڪائي رکو. دل اوهانجي رازن ۽ اسرارن جي اهڙي تجوڙي آهي جنهن جي ڪُنجي ٻئي ڪنهن وٽ ڪانہ آهي. ظاهر ۾ عام ماڻهن سان خوشي سان خنده پيشاني سان ملو. ڪشاده پيشاني، شيرين زباني جي عادت ڪريو، چاهي اوهانجي دل ۾ ڪيترا بہ غم هجن سي پنهنجي دل ۾ لڪائي رکو، هن حڪيمانہ قول تي عمل ڪريو.

دلا بباغ رو و خنده از انار آموز

کہ موج خوں بدل و خنده بردہاں دارد (۱)

انهي طريقي سان ٻين جي دل بہ خوش ٿيندي ۽ اوهان جي دل تان بہ غمن جا بار هلڪا ٿي ويندا. اهو رستو وٺي اوهين تجربو ڪري ڏسو پوءِ اسان جي قول جي تصديق ڪريو.

خوشی میں تو ہر کوئی ہنستا ہے اکبر

مصائب میں تم مسکراؤ تو جانیں

بعض ماڻهو اهڙا بہ هوندا، جو خالي پيلي اوهان سان بغض ۽ عداوت رکندا خواه مخواه اوهانجي گِلا ۽ دل آزاري ڪندا جنهن ۾ هنن جو نہ مطلب نہ فائدو نہ غرض نہ واسطو، فقط حسد جي پڙڪندڙ باه جا دونهان اندر مان ڪڍندا ۽ دل جو بخار هلڪو

(۱) اي دل باغ ۾ وڃ ۽ ڪلڻ وڃي ڏاڙهون کان سک جنهنجي دل رت سان پريل پر وات ۾ کِل (يعني غم هوندي بہ ظاهر خوش آهي).

ڪندا. تنهن جو بہ بهترين علاج صبر ۽ سڪون آهي اوهين هن جي ياوه گوئي ڪري پنهنجي دل ملول ۽ خاطر پريشان نہ ڪريو، شڪر ڪريو ۽ خوش ٿيو ڇو تہ في الحقيقة اوهان سان نيڪي ڪري رهيا آهن ان ۾ اوهان جي دين ۽ دنيا جا فائدا مضمر آهن. دين ۾ بہ اوهانجي بهتري ٿيندي ۽ دنيا ۾ بہ اوهان جي ترقي ۽ نيڪ نامي وڌندي ڇو تہ بدي جي مقابلي ۾ اوهانجي نيڪي زياده چمڪندي ۽ خلق ۾ اوهانجي خوش خلقي چڱي طرح نمايان ٿيندي. هي ڪُليو قاعدو آهي: اَلْاَ شْيَاءُ تُعْرَفُ بِاَضْدَادِهَا ۽ آخرت ۾ اوهان کي وڏا درجا ملندا. گناه اوهانجا ميٽجي ويندا.

نقل آهي تہ امام اعظم ابو حنيفه رضيَ الله عنه جون گلائون ۽ شڪايتون ڪنهن حاسد ڪاسد ڪيون، امام صاحب کي خبر پئي هڪڙو ٿال ڪجور جو ڀري تحفه طور هن جي گهر ۾ موڪليائين، ماڻهن پڇيو سائين هي ڇا ٿا ڪريو هن اوهان جون هيتريون گلائون ڪيون ۽ ناشائستہ الفاظ چيا. فرمايائون تہ هن اسان سان وڏو احسان ڪيو ۽ مهرباني ڪري پنهنجيون نيڪيون مون کي ڏنيون تنهن جو بدلو ۽ شڪر گذاري ڪرڻ اسان تي لازم ٿي.

امام ربّاني صاحب مڪتوبات شريف ۾ لکيو آهي تہ اسان کي صحيح ڪشف سان معلوم ٿيو. تہ هڪڙي شخص مڪلف طعام خيرات عام وڏي انتظام سان ڪيو هو مگر هن جي گلا ۽ شڪايت ٿي وئي (جنئين زماني ۾ خلق جو دستور آهي) تنهن جي ڪري هن کي ڌڪ ٿي پيو، رڳو ماڻهن جي شڪايت ڪري هن جي نيت ۾ يا مال ۾ جيڪو خلل هو سو دفع ٿي ويو ۽ خير قبول پيو.

**توڪل:** وڪيل، وڪالت، توڪيل. اهي مڙئي هڪڙي باب جا هم معنيٰ الفاظ آهن. پنهنجو ڪم ٻئي جي حوالي ڪرڻ پنهنجي ڪنهن خيرخواه، دانا، دوست آشنا کي پنهنجو ڪم بهترين طريقي سان سرانجام ڪرڻ لاءِ سوپاري ڏيڻ، هن جي ڪارروائي تي ڀروسو رکڻ تنهن جي تدبير ۽ حڪمت تي اعتماد ڪرڻ پنهنجي خاطر جمع ۽ دل خوش رکڻ کي توڪل چئبو آهي، مقدمہ بازي لاءِ عرف عام ۾ جنهن کي وڪيل چئبو آهي تنهنجو بہ وجہ تسميہ اِهو آهي.

بعضي ماڻهو غلط فهمي ڪري توڪل جي معنيٰ هي سمجهندا آهن تہ وجہ معاش لاءِ ڊوڙ ڊڪ نہ ڪرڻ تنگدستيءَ جي وقت هٿ پير ٻڌي ماٺ ڪري وهڻ يا بيماريءَ جي وقت دوا دارو نہ ڪرڻ قانون فطرت جي موافق ڪوشش نہ ڪرڻ کي توڪل چوندا آهن ۽ انهيءَ غلط فهميءَ ۾ گهڻا نهميده ماڻهو مبتلا آهن، تنهنڪري ان جو بيان ڪجهہ مفصل طور ڪريون ٿا.

اوهين پهرين رسول ڪريم ﷺ جي تمام زندگي ۽ حيات طيبہ تي نظر وجهي ڏسو ۽ غور ڪريو، دشمن جي ملڪ مان هجرت ڪري نڪرڻ، جبل جي غار ۾ ٽي ڏينهن مخفي طور وهڻ، مدينہ شريف کي تباهيءَ کان بچائڻ واسطي شهر کان نڪري پري ميدان جنگ تي وڃڻ، دشمن جي حملي کان شهر جي حفاظت لاءِ خندقون کوٽائڻ پنهنجي حفاظت لاءِ (خدا تعاليٰ جي وعدي کان اڳي) پاڻ تي پهريدار ٻهارڻ، جنگ ۾ زرهون ۽ خود (١) پائڻ، هٿيارن پوتهارن سان مسلح ٿيڻ، مجاهدن جي تياري لاءِ اصحابن کان چندو ڪرائڻ، جنگين ۾

---

(١) خود هڪڙي لوہ جي ٽوپي آهي جا جنگ ۾ بچاء لاءِ پائيندا آهن.

دشمن کان جنگ جو راز لڪائڻ، وڏن ڪمن ۾ پنهنجن يارن دوستدارن سان صلاح مصلحت ڪرڻ، بيمارين ۾ علاج معالجو ڪرائڻ، سگهيون هٿائڻ، پنهنجي بدن مبارڪ مان رت ڪڍائڻ. ڇا اهي سڀ ڪم احتياط ۽ تدبيرون توڪل سان نه هيون؟ يا اوهانجي توڪل رسول ڪريم ﷺ کان به زياده آهي؟ ڇا سندن دعا سان سڀ ڪافر غرق ٿي نه وڃن ها؟

پوءِ صحابہ ڪرام جي طرز عمل تي غور ڪريو. سندن عالي همتون، بلند حوصلا، اڻ ٿڪ ڪوششون، جان نثاريون ۽ قربانيون ڏسو، قلت مال و اسباب جي باوجود ڏونگر ڏورياڻون، سمونڊ اورانگياڻون، عرب عجم جون زمينون لتاڙياڻون، دنيا ۾ اهي حيرت انگيز ڪارناما ڪري ڏيکاريائون جو صفحہءِ روزگار تي يادگار آهن ۽ اڄا تائين دشمن انگشت بدندان.

ڇا انهن اهي سڀ ڪم توڪل سان نه ڪيا يا ماٺ ڪري مسجدن ۾ ويٺا هئا ته خدا تعاليٰ پاڻ پنهنجي دين جي حفاظت ڪندو، اسين توڪل ڪري فقط مسجدن ۾ ويهي دعائون گهرنداسين حالانڪ خدا تعاليٰ فرمائي ٿو، ”اِنۡ تَنۡصُرُوا اللّٰهَ يَنۡصُرۡكُمۡ“ جيڪڏهن (يعني بشرطيڪ) اوهين خدا تعاليٰ جي دين جي مدد ڪندا. جاني مالي قرباني ڪندا تڏهن خدا تعاليٰ پڻ اوهانجي مدد ڪندو ۽ دشمن تي فتحياب ڪندو.

ٻي جاءِ تي قرآن شريف ۾ خدا تعاليٰ فرمايو آهي (ڇا ماڻهو ڀائين ٿا ته اسان فقط ايمان آڻي ڪلمو پڙهي مفت ڇڏيا وينداسين ۽ اسان کان ڪا آزمائش ۽ امتحان يا تڪليف ڪانه ورتي ويندي) رڳو راحت

سان ۽ آرام طلبيءَ سان اسين ڪامياب ٿينداسين ۽ بغير محنت ۽ سرجوشي و سرفروشي جي اسين دين و دنيا جي نعمتن سان سرفراز ٿينداسين، اهو گمان غلط ۽ خيال باطل آهي.

تجھے تو ہے ہوس سروری بغیر عمل
نہ لے گا کوئی غلامی میں بھی بغیر عمل

مولانا روميءَ توڪّل جي معنيٰ ڏاڍي سني ۽ سهڻن الفاظن ۾ بيان فرمائي آهي.

گر توکل می کنی در کار کن
کارکن پس تکیہ بر جبار کن (۱)
از توکل در سبب غافل مشو
رمزالکاسب حبیب اللہ شنو (۲)

گفت پیغمبر بآواز بلند
باتوکل زانوی اشتر بہ بند (۳)

(۱) توڪّل ڪرڻ چاهين ٿو تہ ڪم ۾ توڪّل ڪر (يعني بيڪار ويهي توڪّل نہ ڪر) ڪم ڪر پوءِ ڀروسو رب تي رک ١٢ (٢) توڪّل جي سببان سبب ڪان (ڪوشش ڪان) غافل نہ ٿي. الڪاسب حبيب الله، يعني ڪمائيندڙ الله جو دوست آهي، انهي رمز ڪان واقف ٿي. (٣) پيغمبر پاڪ وڏي آواز سان فرمايو تہ توڪل بہ ڪريو پر انهي سان اُٺ جا پير بہ ٻڌو (اٺ ڇڙيل هوندو تہ رلي ويندو.) ١٢-

مولانا چوي ٿو تہ ڪم ڪرڻ لاءِ توڪي توڪل ڪرڻ ڪپي نہ ڪم نہ ڪرڻ لاءِ، سفر تي وڃڻو اٿئي تہ توڪل ڪري وڃ ۽ ٻني ڪرڻي اٿئي تہ توڪل ڪري هر ڪاهہ. واپار ڪرڻو اٿئي تہ توڪل ڪري ڏندو ڪر، اها معنيٰ نہ آهي تہ توڪل ڪري حج تي نہ ٿو وڃان، توڪل ڪري ٻني نہ ٿو ڪاهيان، توڪل ڪري واپار نہ ٿو ڪريان اها تہ بزدلي آهي، بي همتي آهي، بي عقلي آهي، نہ همت ۽ توڪل.

**فائده:** (ڪسب ڪرڻ جي ضرورت) خبر ناهي اها غلط معنيٰ توڪل جي اوهان کي ڪنهن پڙهائي آهي. مدينہ شريف ۾ بعضي سنڌي مهاجر ڏٺاسين تہ ٻارن ٻچن سان وڃي ويٺا آهن. ادا! اوهين ڪهڙي ڪرت. ڪهڙو ڪم ڪري رهيا آهيو؟ سائين ڪجهہ ڪونہ ٿا ڪريون توڪل ڪري ويٺا آهيون. هي پڙهيل ۽ سڌريل ماڻهن جو جواب آهي.

چا؟ آنحضرت ﷺ ائين فرمايو آهي تہ منهنجي پاڙي ۾ ويهي ڪو ڪم ڪار نہ ڪريو، رڳو سوال ڪري يا حاجين کان خيراتون وٺي ماٺ ڪري ويٺا هجو. اهڙن ماڻهن کي تہ مدينہ شريف ۾ ويهڻ ۽ رهڻ بہ نہ گهرجي.

اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنہ حج کان بعد ماڻهن کي زور ڪري سندن ملڪن ڏانهن اماڻيندو هيو ۽ چوندو هيو تہ "يَا اَهلَ الْيَمَنِ يَمَنَكُمْ وَيَا اَهلَ الشَّامِ شَامَكُمْ" (اي يمن وارا اوهين

پنهنجي ملڪ يمن هليا ويو ۽ اي شام وارا اوهين پنهنجي وطن شام هليا وڃو.

۽ هي زرين مقولو حضرت عمر رضي الله عنه جو پڻ ياد رکڻ گهرجي "لَا يَقْعُدُ اَحَدُكُمْ عَنْ طَلَبِ الرِّزْقِ وَيَقُوْلُ اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ فَقَدْ عَلِمْتُمْ اَنَّ السَّمَاءَ لَاتَمْطُرُ ذَهَبًا وَلَا فِضَّةً - يعني ڪو ماڻهو رزق جي طلب ڪرڻ کان ماٺ ڪري گهر ۾ نه ويهي ۽ وينو چوي اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ- اي الله رزق ڏي تون مونکي، اي الله رزق ڏي تون مونکي توهين سمجهو ٿا ته آسمان مان سون ۽ چانديءَ جو مينهن نه ٿو وسي بلڪ واپار سان ڪمائيءَ سان، زمينداريءَ سان پيسو ڪمائجي ٿو.

جيڪڏهن فقط عبادتن سان، علم سان ۽ دعائن سان رزق روزي ۽ مال دولت جي ڪثرت ٿئي ها! ته جيڪر عالمن، پيرن، فقيرن جو طبقو، اميرن، نوابن، جاگيردارن ۽ سيٺ عبدالله هارون کان زياده دولت مند ۽ سرمايه دار هجي ها!

چونڪ اڄ ڪلهه توڪل جي معنيٰ مطلب ۾ عام غلط فهمي پيدا ٿي چڪي آهي تنهنڪري ڪجهه سمجهائي ڏيڻ ضروري سمجهيسين.

## غمن جو علاج رضا بقضا سان

رضا بقضا جي معنيٰ هي آهي ته بندو پنهنجي مقدر قسمت تي راضي رهي ۽ خدا تعاليٰ جي هر قسم جي مرضيءَ تي ۽ حڪم تي هر حال ۾ خوش رهي، چاهي اهو ڪم سندس مرضي ۽ خواهش جي مطابق هجي يا نه. جنهن فارسي واري چيو آهي.

گر بدہی عطائی تو ور بکش فدائی تو

دل شده مبتلائی تو هرچه کنی رضائی تو (۱)

بزرگن لکيو آهي ته ولايت ۽ ڪرامت جا ڏهه مقام، يعني مرتبا ۽ منزلون آهن، مثلاً توبه، توڪل، صبر، شڪر، فقر، قناعت، خوف ۽ رِجا وغير ذالڪ (۲) - پر سيني ڪان مٿاهون ۽ اعليٰ درجو ۽ ارفع مقام رضا جو آهي. يعني بندو خدا تعاليٰ ڪان راضي هجي ۽ خدا تعاليٰ پنهنجي بندي ڪان راضي هجي رضي الله عنهم ورضوا عنه.

سبحان الله مقام رضا جي ڪهڙي تعريف ڪجي ۽ ڪهڙو بيان ڪجي، اوهين پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته خدا تعاليٰ جي رضامندي جهڙي ٻي ڪا نعمت، ڪا سعادت دين دنيا ۾ ڪانه آهي ۽ خدا تعاليٰ جي ناراضپي جهڙي شقاوت ۽ بدبختي ڪانه آهي. اوهين پانيو ته خدا تعاليٰ جو رضامندو يا ناراضپو معلوم ڪريون ته بندي جي احوال ڏانهن ڏسو، جيڪڏهن بندو پنهنجي موليٰ تبارڪ وتعاليٰ ڪان راضي آهي ته سمجهو، خدا تعاليٰ به ان ڪان راضي آهي ۽ جيڪڏهن ڏسو ته بندو خدا تعاليٰ ڪان ناراض آهي ته سمجهو خدا تعاليٰ به ان

(۱) جيڪڏهن ڏيندين ته تنهنجي مهرباني جي ڪهندين ته به توتان صدقي، دل ته تو وٽ مبتلا (گرفتار) آهي، جيڪي به ڪندين تنهنجي مرضي آئون رضا تي راضي آهيان.
(۲) محبت الاهي، اخلاص ۽ صدق، ازڪتاب طريق النجات عربي.

ڪان راضي نہ آهي. نَعُوْذُ بِاللهِ مِنْ ذَالِكَ-

بندي جو رضامندو خدا تعاليٰ کان وري معلوم ٿيندو تڪليفن ڏکن، غمن ۽ بلائن جي وقت ۾. راحتن ۽ نعمتن، عيش عشرت جي وقت ۾ تہ سيڪو انسان خواہ دشمن هجي يا دوست، مؤمن هجي خواہ ڪافر، خوش ۽ راضي رهي ٿو مگر سچو دوست ۽ عاشق صادق اهو آهي جو درد، ڏک، رنج ۽ مصيبت ۾ پڻ پنهنجي دوست کان راضي رهي ۽ شڪرگذار هجي.

دوست مشمار آنکہ در نعمت زند
لاف یاری و برادر خواندگی
دوست آن باشد کہ گیرد دوست دوست
در پریشان حالی و در ماندگی (١)

انهيءَ ڪري خدا تعاليٰ پنهنجي دوستن جو سخت امتحان وٺندو آهي. هنن کي سختين ۾ ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ڪندو آهي ۽ جيتري قدر قرب ۽ محبت ۾ زيادہ ڪامل ۽ عشق ۾ فائق هوندو اوتري قدر آزمائش ۽ امتحان بہ ان جو سخت ورتو ويندو ۽ سخت ترين بلائن ۾ گرفتار ٿيندو. اَشَدُّ النَّاسِ بَلاَءً اَلاَنْبِيَاءُ ثُمَّ الاَمْثَلُ فَالاَمْثَلُ- صحيح حديث آهي.

هي حڪم تہ عام خلق لاءِ آهي، يعني مصيبتن ۾ صبر ڪرڻ ۽ قضا تي راضي رهڻ، پر خاص بندن جو مقام ۽ عارفن جو مشرب ئي بيو آهي. هو تہ چون ٿا تہ عشق ۽ محبت جي دعوي ۾ فائق ۽ صادق اهو آهي جو محبوب پاران درد، ايذاء يا رنج ۽ مصيبت رسڻ ۾ زيادہ راحت ۽ فرحت محسوس ڪري.

(١) دوست اهو ناهي جيڪو نعمتن ۾ پاڻ کي دوست ۽ ڀاءُ سڏائي. دوست اهو آهي جيڪو پريشانين ۽ عاجزي جي حالت ۾ اچي تنهنجو هٿ وٺي (مدد ڪري).

جنهن حضرت امام رباني قُدِّسَ سِرُّهٗ مکتوبات (۱) شريف ۾ لکن ٿا ته ”نيڪ بندن ۽ نيڪ بختن سعادت مندن کي ايذاء محبوب مان ايتري لذت ۽ شيريني حاصل ٿئي ٿي جو نعمتن مان محسوس نه ٿي ٿئي. اگرچه ٻئي شيون يعني رحمت ۽ نعمت طرفان محبوب جي آهن، مگر رحمتن ۾ محبِ صادق جي نفس کي ڪو دخل ڪونهي ۽ نعمتن ۾ هن جي نفس کي پڻ دخل آهي ۽ جيڪا شئي خاص محبوب لاءِ آهي سائي محبوب تر آهي.

ھجرے کہ بود رضائے محبوب
از وصل ہزار بار خوشتر (۱)

میل من سوئے وصل و قصداو سوئے فراق
ترک کام خود گرفتم تا برآید کام دوست (۲)

عاشقِ صادق غرقِ دريائي وحدت ”مولانا روم“ فرمائي ٿو.

عاشقم بر رنج خویش و درد خویش
بہر خوشنودی شاہ فرد خویش (۳)

ناخوش او خوش بود بر جان من
جان فدائے یار دل رنجان من (۴)

(۱) مکتوب ۲۹ دفتر ٻيو. (۲) جنهن جدائيءَ ۾ محبوب راضي هجي اها جدائي وصال کان هزار ڀيرا ڀلي آهي. (۳) آئون وصال ٿوچاهيان دوست فراق ٿو چاهي مون پنهنجي مراد (وصال) ڇڏي ته دوست جي مراد ڀلي پوري ٿئي. (۴) پنهنجي ڏک ۽ درد تي عاشق آهيان (ڇو ته) منهنجو اڪيلو بادشاه انهيءَ ۾ (منهنجي ڏک درد ۾) خوش ٿئي ٿو. (۵) محبوب جيڪا مونکي ناخوشي پهچائي آهي اها مونکي بيحد پسند آهي. منهنجي دل رنجائيندڙ محبوب تان منهنجي جان صدقي.

عاشق حقيقت و مجاز حافظ شيرازي چوي ٿو.

اگر تو زخم زنی بہ کہ دیگرے مرہم
وگر تو زہر دہی بہ کہ دیگرے تریاق (٥)

حضرت خواجه معين الدين چشتي قُدِّسَ سِرُّہٗ

ہر مرہے زغیر تو بردل جراحت است
زخمے کہ از تو میرسد آرام جان بود (٦)

عارف ڪامل و شاعر صاحب دل قدسي صاحب پنهنجي ڪلام بلاغت نظام ۾ فرمائي ٿو.

من لذت درد تو بدر مان نفروشم (١)

هِنَ مصرع کي عمدًا لکڻ ۾ نٿا اَچُون مگر تضمين ان جي مولانا محمد ابراهيم يا سيني سهڻي طريقي سان ڪئي آهي. (۴)

ناظم چہ خوش است این سخن حضرت (قدسی)
من لذت درد تو بدر مان نفروشم (٣)

نهايت پرسوز و گداز شعر آهي.

صوفياء ڪرام پنهنجن ڪتابن ۾ هي حديث قدسي ذڪر

.(١) تنهنجو زخم ٻين جي مرهم کان، تنهنجو زهر ٻين جي ڏنل ترياق کان مونکي وڌيڪ پلو آهي.(٢) ڪنهن غير ماڻهو جو مرهم دل تي پاڻ زخم توهنجي ۽ تنهنجي زخم مان روح کي راحت ٿي رسي. (٣) تنهنجي درد جي لذت کي آئون علاج تي ڪونه وڪڻندس. (۴) ناظم تخلص جناب فضائل مآب مولوي حافظ محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسين واري جو آهي. (٥) اي ناظم قدسي ڪهڙي نه سٺي ڳالهه چئي آهي (چوي ٿو ته) تنهنجي درد جي لذت کي آئون علاج تي ڪونه وڪڻندس.

فرمائي آهي.

"مَنۡ لَّمۡ يَرۡضَ بِقَضَائِيۡ وَلَمۡ يَصۡبِرۡ عَلٰي بَلَائِيۡ فَلۡيَطۡلُبۡ رَبًّا سَوائِيۡ وَلۡيَخۡرُجۡ مِنۡ تَحۡتِ اَرۡضِيۡ وَسَمَائِيۡ-

يعني جيڪو منهنجي قضاتي راضي نہ رهي ۽ منهنجي تڪليفن تي صبر نہ ڪري سو ڀلي وڃي ٻيو ڪو خدا پنهنجي واسطي پيدا ڪري ۽ منهنجي زمين ۽ آسمان هيٺان نڪري وڃي.

يعني قضاتي راضي رهڻ ڪان سواءِ ٻيو چاروئي ڪونہ آهي. ڀلا جيڪڏهن اوهين قضاتي راضي نہ رهندا، تن بقضا دل برضا نہ ڏيندا تہ ڪري ڇا سگهندا. ڇا ٻيو خدا پنهنجي واسطي پيدا ڪري سگهو ٿا. يا هي زمين آسمان ڇڏي ٻئي پاسي وڃي پڇي سگهو ٿا. جڏهن ڪجهہ ڪري نٿا سگهو، تڏهن صبر ڪريو ۽ قضاتي راضي رهو.

"يَا بَنِيۡ اٰدَمَ تُرِيۡدُ وَلَا اُرِيۡدُ وَلَا يَكُوۡنُ اِلَّا مَا اُرِيۡدُ."

اي بندا بني آدم! تون ارادو ڪرين ٿو مگر آءٌ ارادو نٿو ڪريان ۽ هرگز نہ ٿيندو مگر اهو جيڪو آءٌ ارادو ڪندس.

اهيو راز حافظِ شيراز پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح اظهار فرمايو آهي.

غم زمانہ مخور شاد باش و دل خوشدار
کہ این لطیفہ نغزم ز رهروی یاد است (۱)
رضا بداده بده و زجبین گره بکشای
کہ برمن وتو در اختیار نکشاد است (۲)

---

(۱) زمانہ جو غم نہ ڪر خوش رهہ دل خوش رک ڇو تہ هڪڙي واٽهڙو جو هي عجيب لطيفہ مونکي ياد آهي.(۲) ڇيائين ٿي تہ، جو ڪجهہ ڏنو ويو انهي تي راضي رهہ گهنڊ نہ وجهہ ڇو تہ تون ۽ مون لاءِ اختيار جو دروازو ڪو نہ کوليو اٿن (يعني پنهنجو ڪو بہ وس نہ آهي)

دانائن چيو آهي ۽ عام قاعدو ٻڌايو آهي.

"اِذَا وَقَعتَ فِيْ مُصِيبَةٍ اِنْ كَانَتْ لَهَاحِيلَةٌ فَلاَ تَعجِزْ وَاِلاَّ فَلاَ تَجْزَعْ"-

يعني جڏهن توتي ڪا مصيبت اچي پوءِ ڏس جيڪڏهن ان جو ڪو چارو ڪو علاج ممڪن هجي تہ بي همت نہ ٿي، اُٿي همت ۽ ڪاميابي لاءِ ڪوشش ڪر ۽ جيڪڏهن ان جو ڪو علاج ممڪن نہ هجي مثلاً ڪنهن جو پٽ مري وڃي، ڌي جمي، مال ٻڏي وڃي گهر سڙي وڃي تہ بي فائده جزع فزع نہ ڪري، قضاتي راضي رهي. صبر ۽ سڪون سان ان جو تحمل ڪري خوشي ۽ ڪشاده پيشاني سان مصيبتن جو استقبال ڪري، چو تہ علاج سڀ ڪنهن مرض ۽ بيماري جو ضد سان ٿيندو آهي نہ مثل سان. غم جو علاج خوشي سان ٿيندو نہ غم ڪرڻ سان. غم ڪرڻ ۽ ڳڻتين ڪائڻ سان تہ اوهان جو ڪو مشڪل حل نتو ٿئي. ملول ٿي وهڻ سان ڪا ڪاميابي ڪانہ ٿي ٿئي، پوءِ بي فائده غم ڪرڻ سان، بي سود سودائن پچائڻ سان پنهنجي طبيعت ملول پنهنجي صحت خراب ڇو ٿا ڪريو، اٿي همت ڪريو پنهنجي دل خوش ڪريو تہ ڪامياب ٿيو.

اٹھ باندھ کمر کیوں ڈرتا ہے
پھر دیکھ خدا کیا کرتا ہے

## غمن جو علاج زياده سوچ ويچار نہ ڪرڻ سان

هر هڪ ڪم ۾ حد کان زياده غور ۽ خوض ڪرڻ، اجايو سودا پچائڻ، توري گهٽي ڳالهہ ۾ گهڻون سوچ ويچار ڪرڻ، خيالي گهوڙا ڊوڙائڻ ۽ واهمي جا بگهڙ پيدا ڪرڻ انسان کي بزدل، سُست ۽

توهم پرست ڪري ٿو، پهلوان ماڻهو کي بي همت بي ڪار ڪ ٿو وجهي توڪّل جي منافي ۽ اولوالعزمي جي برخلاف آهي.

جاڻڻ گهرجي ته فڪر ۽ انتظار، سوچ ۽ ويچار ٻه قسم آهي دِيني ڳالهين ۾ آهي يا دنيوي ڪمن ۾.

دِيني ۽ مذهبي ڳالهين ۾ فيصلو حلال حرام جو، يا ڪرڻ نه ڪرڻ جو ته اڳي ئي اسانجي پيشوائن شريعت وارن ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ۾ وري اسان کي سوچ ويچار ڪرڻ ضروري ڪونهي. اڳوڻن امامن اسانکي ان بار کان جدائي ڇڏيو آهي، انهن جي پيروي اسان لاءِ ڪافي آهي. خصوصاً اعتقادي مسئلن ۾ ته اسان کي غور ۽ خوض ڪرڻ جائز ئي نه آهي.

"تَفَكَّرُوا فِيْ الآءِ الله تعالىٰ وَلاَ تَفَكَّرُوْا فِيْ ذَاتِهٖ"-

يعني خدا تعاليٰ جي نعمتن تي (جيڪي ڪائنات ۾ انسان جي فائدي لاءِ شيون خلقيون آهنس) غور ۽ فڪر ڪريو. خدا تعاليٰ جي ذات ۽ صفات ۾ فڪر نه ڪريو ڇو ته خدا تعاليٰ جي ذات ۽ صفات قديمي، ازلي، ابدي، لامتناهي آهي. انسان ۽ انسان جو عقل، فڪر خيال حادث آهي، جزوي آهي، فاني آهي، محدود آهي. حادث قديم کي، فاني باقي کي، جزوي ڪُلي کي، محدود غير محدود کي، هرگز هرگز پهچي نه سگهندو. رڳو گمراهي ۽ تباهي جي اوڙاه ۾ سرنگون ڪري وجهندو. خيال ڪري ڏسو، اسان جهڙن انسانن جيڪي شيون ٺاهيون آهن، هوائي جهاز، ٽيليفون وغيره وغيره يا اسان پاڻ جهڙي حادث، محدود فاني مخلوقات کي هڪڙي مک يا هڪڙي ماڪوڙي کي، بلڪ اسان کي پنهنجي بدن ۽ ساهه جي حقيقت ۽ ڪيفيت ٻه سمجهي نه ٿا سگهون، پوءِ خدا تعاليٰ جي ذات

و صفات، حقيقت و ڪيفيت ڪير سمجهي سگهندو؟ جيڪڏهن انسان ڪي پنهنجي عقل و فڪر سان پروڙڻ جي طاقت هجي ها ته انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام ڇو مبعوث ٿين ها؟ ۽ حضرت جبرئيل جي واسطي سان وحي ڇو نازل ٿئي ها؟ جيئن ڀين دنيوي ڪمن ۾ انسان جو عقل ڪم ڪري سگهي ٿو، ايجادات و اختراعات ڪري سگهي ٿو ته هن کي آزاد ڇڏيو ويو آهي، تنهن باري ۾ ڪوبه حڪم احڪام نازل ڪونه ٿيو آهي. مگر ديني ۽ اُخروي ڪمن ۾ انسان جي عقل جي رسائي ڪانه آهي. تنهنڪري هنن ڪي رسولن ۽ ڪتابن تي ايمان آڻڻو آهي. دل و جان سان ان جي تصديق ڪرڻي آهي. فقط "آمَنْتُ بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ" چوڻ ضروري آهي. وڌيڪ هن جي حقيقت ۽ ڪيفيت معلوم ڪرڻ اسانکي ضرور نه آهي. ايمان مجمل ڪافي آهي.

دور بينان بارگاه الست
غير ازين پي نه برده اند ڪ هست (١)

ٻيا آهن دنيوي امور جن جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ ۾ اوهان کي اختيار آهي، تن ۾ به اوهان کي زياده سوچ ويچار ڪرڻ پريشاني ۽ بي قراري ڪرڻ جو ضرور ڪونهي، جيڪو پاسو مناسب حال ۽ مناسب شان پنهنجي جو سمجهي اهو توڪّل ڪري ڪم ڪجي پوءِ نتيجو ۽ ڪاميابي ان جي خدا تعاليٰ جَلَّ شَانُهٗ تي ڇڏجي.

هن صورت ۾ فقط به ڪم اوهانکي ڪرڻ ضروري آهن، هڪڙو

---

(١) رب جي بارگاهم جا ڏوراهين تائين ڏسندڙن انهيءَ کانسواءِ ڪجهه ڪونه سمجهيو آهي (يعني رب آهي) يعني هنن کي صرف اهو معلوم ٿي سگهيو آهي ته رب آهي، ڪيئن آهي ۽ ڪهڙو آهي سو هرگز نه.

پنهنجي دوستن سان صلاح مشورو ڪرڻ. ٻيو استخاره بطريقِ مسنون ڪرڻ. استخاره جي ترتيب ته اڳتي هن ڪتاب ۾ لکنداسين. باقي دوستن سان مشوري ڪرڻ ۾ هيءُ احتياط رکڻ گهرجي ته اهو دوست اوهانجو مطلبي دوست نه هجي جنهن ڪان صلاح وٺو تنهن جو هن ڪم سان ڪو تعلق يا واسطو نه هجي. اوهان جو خوشامدي هائو ۾ هائو ملائڻ وارو نه هجي، اوهان ڪي اهڙي اوڙاه ۾ نه وجهي جو اوهانکي تباهي ۾ وجهي، پوءِ پري کان بيٺو اوهان جو تماشو ڏسي.

**فائده:** (دنياوي ڪمن ۾ زياده دانائي فضول آهي). دنياوي ڪمن ۾ ضرورت کان زياده دانائي ۽ پڪائي ڪرڻ فضول آهي. دنيا ۾ ته اڪثر عقل وارا ۽ هنروارا ماڻهو بي عقلن جا محتاج ٿيندا آهن. علم وارا ماڻهو بي علمن جا ملازم ٿي پنهنجو پيٽ گذران ڪندا آهن، هنر ۽ حرفت وارا بي هنرن جي مزوري ڪري پنهنجو پيٽ پاليندا آهن، اوهانجو ڊرائيور آهي، اوهانجو نوڪر آهي. اوهانجو موٽر ٿو هلائي اوهين پنهنجي موٽر نٿا هلائي ڄاڻو اوهين هُن جي هنر جا محتاج آهيو. اهڙي طرح پنهنجي بورچيءَ جا، پنهنجي درزي جا پنهنجي سوناري جا، پنهنجي نوڪرن جا محتاج آهيو، باوجود پنهنجي هنرن جي پنهنجي قابليتن جي هو اوهان جي پيسي جا محتاج آهن، اوهان جا نوڪر ۽ غلام آهن. دولت، دنيا ته اڪثر بيوقوفن ۽ بي عقلن ڏانهن لاڙو ڪندي آهي. هنر وارن ۽ عقل مندن کان پري ڀڄندي آهي.

مثنوي شريف ۾ نقل آيل آهي ته ڀهراڙي جو هڪڙو بي عقل شخص هو. ان جي ڳوڻ پري شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ ڪڍيو ٿي ويو هڪڙي پاسي اُٺ تي رکيائين. ان جي ڳوڻ ٻئي پاسي واري جي ڳوڻ

پري بار ٻڌي. اُٺَ کي مهار مان جهلي، شهر ڏانهن ڪاهي بي ويو
واٽ تي ڪو ماڻهو مليس خبرون چارون پڇيائينس چيائين ادا!
هڪڙي ڳوڻ ۾ آهي ان ٻي ڳوڻ ۾ آهي واري، اُٺَ تي بار ٽيو آهي
گهٽون تنهنکري مهارمان اُٺَ کي ڪاهيندو تو هلان چيائين ادا چريو
چو ٽيو آهين، بيهہ تہ آءٌ بار ٺاهي ڏيان. اُٺَ کي وهاري اَنَّ اڌ هڪڙي
ڳوڻ ۾، بيو اڌ ٻي ڳوڻ ۾ وجهي هن کي سولو ڪري اُٺ تي
چاڙهي وهاريائين، ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين ادا! تو تہ مون سان ڏاڍي
ڀلائي ڪئي آهي پر.خبر ٻڌاءِ تہ تون اهڙو عقل وارو ماڻهو ضرور ڪو
امير يا وزير هوندين، يا ڪو وڏو دولت مند واپاري هوندين يا ڪو
خوش نصيب هنرمند، چيائين ادا! خبرون ڪهڙيون ٻڌايان. آءٌ نہ
آهيان امير نہ وزير، نہ هنر مند، نہ دولت مند، آءٌ تہ عيال دار غريب
بکيو ماڻهو آهيان، ڏينهن جو ڪائون تہ رات جو لنگهڻ سمهون، رات
ڪائون تہ ڏينهن لاءِ ڪجهہ نہ هجي، پنهنجو پيٽ بہ پالي نہ ٿا سگهون.
هن جو، اهي دل گداز خبرون ٻڌيون يڪدم ٽپ ڏئي اُٺ تان لٿو
چيائين ادا! مونکي تنهنجو عقل نہ کپي، آءٌ پنهنجي بي عقلي سان
توکان خوش ٿو گذاريان. تنهنجو عقل نہ وڻندس. وري پنهنجي اُٺ
جو بار جهڙو ٻڌو هوائين ٻڌي اُٺَ کي مهار مان جهلي ڪاهي ويو.

مولانا حالي انهي معنيٰ ۾ ڏاڍو سٺو مضمون چيو آهي.

لگے بڑھنے جس دن سے ہوش و خرد
لگیں ساتھ بڑھنے پریشانیاں
بڑھاپے کی دانائی لے کر کوئی
بدل دے وہ بچپن کی نادانیاں

نقل آهي تہ نادر شاه بادشاه جڏهن دهلي فتح ڪئي. محمد شاه کي قيد ڪري دهلي ۾ قتل عام ڪرايو هڪڙي ڏينهن ڳلي ۾ ٻارن جي ٽولي ڏٺائين ۽ راند روند، ڊوڙ، ڊڪ ۾ مشغول آهن، ڪاٺ جا گهوڙا ٺاهيو انهن کي پيا ڊوڙائين، نہ نادر شاه جي پرواهہ، نہ محمد شاه جو غم، نہ دهلي جي تباهي جو فڪر، ڪجهه وقت نادر شاه انهن وٽ بيهي رهيو ۽ حسرت ڀري نگاه سان هن جو تماشو ڏسي پنهنجي ٻچپن جو زمانو ياد ڪري چيائين ع.

جب سے ہم نے تم کو چھوڑا بہت دکھ ہم نے پایا ۔ ونعم ماقال

طفلی و دامان مادر خوش بہشتے بودہ است
تاباپائے خود رواں گشتیم سرگرداں شدیم (۱)

## غمن جو علاج وسوسن دفع ڪرڻ سان

هي بہ وڏو مرض آهي، شيطان جو وڏو مڪر ۽ فريب آهي، اڪثر نيڪو ڪارن تقويٰ وارن کي ٿيندو آهي، شيطان ڏسي ٿو تہ هي ماڻهو ڏاڙهي ڪونہ ڪوڙائيندو، ناٽڪ ۽ سينيما ۾ ڪونہ ويندو، پنهنجي نماز ۽ ورد، وظيفہ ڪونہ ڇڏيندو تہ انکي وري وسوسن ۾ تمام تنگ گرفتار ڪري تڪليف ڏئي ٿو، هن جا نيڪ عمل ضايع ڪري ٿو، هو ويچارو ڀائيندو تہ آءٌ احتياط ڪري پنهنجو عمل تمام سنو ڪريان، مگر هو شڪي احتياط جي ڪري مورڳو وڏن يقيني گناهن ۾ ڦاسي ٿو. جيئن ڪو ماڻهو مينهن جي ڦڙين کان

(۱) ٻارڻ جو زمانو ۽ ماءُ جي دامن کهڙو نہ سٺوبهشت هو، پنهنجي پيرين سيرين ٿيا سين تہ مغز چڪر ڪاٽي ويو يعني پريشانين اچي جهليو.

پڇي وڃي ناري نيساري، هيئان بيهي. اهڙن موقعن لاءِ عالمن چيو آهي ته: اَلْاِحْتِيَاطُ فِيْ عَدَمِ الْاِحْتِيَاطِ - يعني احتياط ڪرڻ کان نه احتياط ڪرڻ پلو زور آهي، بعضي ماڻهن کي نماز جي نيت ۾ وسوسو ٿيندو آهي ته ٻه، ٻه پيرا، ٽي، ٽي پيرا نماز جي نيت ڪندا آهن، وري سلام واري، وري نئين سر نيت ڪندا آهن تانجو امام وڃي رڪوع ڪندو قيام ۽ قرات هٿ کان ويندي هلي. مَس مَس رڪوع ۾ وڃي پهچندا حالانڪ زبان سان نيت ڪرڻ ضرورئي نه آهي فقط دل جي نيت ڪافي آهي.

مرحوم مولوي فيض الڪريم نقل ڪندو هو ته هڪڙي شخص کي نيّت ٻڌڻ ۾ وسوسا ٿيندا هوا چوندو هو ته. نيّت ڪيم ٻه رڪعتون فرض نماز، ٻه رڪعتون، ٻه رڪعتون، ٻه رڪعتون، فرض نماز، فرض نماز، فرض نماز، پنيان هن امام، پنيان هن امام، هن امام چئي هٿ سان اشارا ڪري آخر ڊوڙي وڃي امام جي پٺ تي هٿ هڻي چوندو هو هن امام.

ڪنَ کي وري وضو ۾ شَڪُ پوي اڌ ۾ سَلام واري نماز ڀڃي هَرَّ هَرَّ وڃي وضو ڪندا. نماز قضا يا جماعت جو ثواب هٿ کان وڃي هليو، هو وضو ڪرڻ ۾ حيران. وضو ڪرڻ ۾ به وري قِسمين قِسمين وسوسا بعضي ماڻهن کي پوندا آهن، ڪي اجايو پائي گهڻون هارين ڪي عضون کي زور سان مهٽين ته ڪي وري ڪلاڪن جا ڪلاڪ وضو ۾ دير لڳائين.

اسانجو دوست مولوي صاحب عبدالرحيم متولي مسجد بخاري ڪراچي وارو (عالم شخص سنو ماڻهو آهي) وضو ڪرڻ لاءِ مسجد

جي حنفي نل تي اچي وهندو، هٿن ڏوڻ تي هٿ مهٽيندو مهٽيندو منهن مان مَرُّ ڪڍندو اهڙيءَ طرح هر عضوي عضوي تي تڪليف ڪندو پوءِ ٺُڪَّ هٿ تي وجهندو ڏسندو ته متان ڏندن مان رَتُّ آيو هجي، مطلب ته تڪبير ٿيندي، بيو پيش امام اڳ ۾ تي نماز پڙهائيندو، مولوي صاحب جو وضو اجا پورو ڪونه ٿيو هوندو.

ڪي وري وٽ چيٽڻ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بينا زور ڏيندا آهن. سنڌ ۾ مولانا عبدالغفور صاحب همايوني وڏو عالم بزرگ شخص هو، سو وري ته ڪنهن کي هٿ ڏيندو هو نه ڪتاب کي هٿ لائيندو هو، ڪنهن ڪتاب کي يا ماڻهو کي پنهنجي چادر ۾ هٿ ويڙهي ڏيندو هو، جي ڪنهن کي هٿ لڳي ويندو هو ته ڏهه ويهه ڪَرايا دِلَّا هٿن جي ڌوئڻ تي صرف ڪندو هو.

مطلب ته وسوسو هڪ سخت تڪليف ڏيندڙ مرض آهي تنهن ڪري قرآن شريف ۾ ان کان پناه گهرڻ جو حڪم آيو آهي.

**فائده:** وسوسن ۽ خراب خيالن جي دفع ڪرڻ لاءِ وظيفو لَاحَوْلَ جو پڙهڻ گهرجي تنهنجي ترتيب اڳتي مذڪور ٿيندي. تنهن سان وسوسا به دفع ٿيندا بيڙن ڪمن کان عافيت ۽ نيڪ عملن تي قوت به حاصل ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي خوفناڪ خواب ڏسڻ ۾ اچي يا خراب خيال دل ۾ پيدا ٿئي ته آهستي آهستي ٽي ڀيرا پنهنجي کٻي پاسي ٿڪي ۽ چوي. "اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ-" ٽي ڀيرا، پوءِ ان جو ڪو غم ۽ فڪر نه ڪري نه ڪنهن سان ڳالهه ڪري ته انهيءَ خواب جو يا خيال جو ڪو نقصان هن کي نه پهچندو.

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي وسوسن ۽ خوفناڪ خطرن خيالن عاجز ڪيو هجي ۽ قلب ان جو پريشان ٿي ويو هجي ته هي آيتون جمعي جي ڏينهن گلاب ۽ زعفران سان چيني ٿي يا ڪاغذ تي لکي.

"وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ من الشيطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللهِ ط اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ●

ست چينون لکي هر روز هڪ چيني پاڻي سان ڌوئي ست ڏينهن پيارجي ته قلب کي اطمينان حاصل ٿيندو ۽ خراب خطرا دفع ٿي ويندا.

**فائده:** (وسوسن جي دفع ڪرڻ لاءِ علاج) وسوسن جي دفع ڪرڻ لاءِ شرعي علاج هي آهي ته جيڪي حدود شريعت جا مقرر ٿيل آهن انهن کان زياده قدم نه کڻو، عبادتن جي واسطي جيڪي احڪام ٺهرايل آهن انهن کان تجاوز نه ڪريو. انهن ۾ ڪمي بيشي يا ڦير ڦار نه ڪريو، اهي اڳوڻا علماء علم ۾، عمل ۾، تقويٰ ۾، طهارت ۾ اسان کان هزار بار بهتر ۽ برتر هوا. اسانکي انهن جي تقليد ۽ تابعداري ڪافي آهي. انهن جي فتويٰ ۽ فيصلي تي هلڻون آهي، نه پنهنجي شريعت ناهڻي آهي، نه پنهنجا مسئلا گهڙڻا آهن، اصل علاج هن مرض جو آهي پنهنجي طبيعت تي ضابطو رکڻ ۽ وسوسن تي عمل نه ڪرڻ.

جيتري قدر اوهين وسوسن کي مَانُ ڏيندا ۽ انهن تي عمل ڪندا رهندا اوتري قدر وسوسا وڌندا زور وٺندا ويندا پوءِ اهو سلسلو لامتناهي هليو ويندو.

حديث شريف ۾ آيو آهي ته جنهن کي وضوءَ ۾ شَڪُ پوي سو

نماز ڇڏي وضوء ڪرڻ لاءِ نہ وڃي، تانڪ آواز نہ ٻڌي يا واءُ پنهنجي پيٽ مان نڪرڻ محسوس نہ ڪري ڇو تہ بعضي شيطان مقعد جي وار کي ڇڪي ٿو تہ ٻلي هن کي وضو ڀڃي پوڻ جو شڪ پيدا ٿئي ۽ نماز ۾ خلل واقع ٿيس.

امام محمّد باقر رضہ کو وقت پائخانہ ۾ وڃڻ مهل پنهنجي ڳوڏ نماز واري بدلائي ويندو هو، ڇو تہ پائخانہ ۾ مکيون نجاست تي ويهي، پوءِ وري ماڻهن جي ڪپڙن تي اچي وهن ٿيون پاڪائي برابر نہ ٿي رهي، ڪجهہ وقت کان پوءِ خيال ڪيائين تہ اهو خالي وسوسو آهي، مون کان وڏيڪ تقويٰ وارن ۽ پرهيزگارن اهو ڪم نہ ڪيو ايتري قليل غير محسوس نجاست نظرانداز ۽ معاف ڪئي اٿن پوءِ آءٌ ڇو ڪريان؟ آءٌ ڪو انهن کان وڏيڪ آهيان ڇا؟

**مسئلہ:** مکِ يا ماڪوڙي يا ڪو جيت ڪنهن جي پاڻي ۾ يا شربت ۾ يا شوربي ۾ پوي جيرو هجي يا مري وڃي تہ اهو ڪڍي اڇلائي ڇڏجي، اهو شربت يا چانهہ بيشڪ پي ڇڏي هارڻ نہ گهرجي اجائي وڏ ماڻهپي ڪري زيان نہ ڪجي.

**مسئلہ:** مسجدن ۾ يا خطابن ۾ جيڪي مَٽَ پاڻي جا رکيل هوندا آهن ۽ انهن مان سيڪو آيو ويو، ٻار ٻچو جن کي پاڪائي جو گهڻون خيال نٿو رهي، پاڻي ۾ هٿ وجهندا آهن ۽ پاڻي پيئندا آهن، انهن مان پاڻي پيڻ ۽ وضو ڪرڻ درست آهي، اهڙيءَ طرح جيڪي اسٽيشن تي ريلوائي وارن جو پاڻي ڀريل آهي (خواہ هندو يا مسلمان ڀريو هجي) تنهن سان وضو ڪرڻ ۽ پاڻي پيڻ درست آهي.

حضرت رسول ڪريم ﷺ پاڻ مشرڪيائي جي سانداري مان

وضو ڪيو آهي ۽ يهودي جي گهر جو رذل طعام کاڌو آهي باقي اوهين چا ٿا چئو.

**مسئلو:** ريل گاڏي ۾ هلندي نماز پڙهڻ درست آهي، جي بيهي پڙهي سگهي ته تختي تي بيهي قيام ڪري نماز پڙهي، جي بيهي نه سگهي يا جاءِ نه هجي ته ويهي پڙهي، قبلو ڏانهن سامهون ٿي نه سگهي ته جنهن طرف ٿي سگهي نماز ادا ڪري مگر نماز جو وقت قضا نه ڪري. ڏٺو ويو آهي ته گاڏي ۾ سوڙهه سنگهيڙ هوندي، غير مسلم پاسنجر به نماز پڙهندڙ کي جاءِ جي سهوليت ڪري ڏيندا آهن، رڳو اوهان پنهنجو سعيو ڪندا ته ڪو مشڪل ڪونه آهي، جي نه ته عذر گهڻان آهن. دل نا خواسته عذر بسيار

ڀائرو! ڪيئن ٿا ڀانيو، نماز ڇڏڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه آهي، ڪنهن به وقت ڪهڙي به مشڪل حال ۾ ڪنهن به عاقل بالغ تان نماز معاف ٿي نه ٿي سگهي، ڪوبه عذر هلي نٿو سگهي. بيهي پڙهي نه سگهو ته ويهي پڙهو، ويهي پڙهي نه سگهو ته اشارن سان پڙهو، قبلي جي سامهون ٿي نه سگهو ته ٻي طرف پڙهو، پاڻي نه هجي ته تيمم ڪري پڙهو، رَتُ وهندو هجي، پيشاب هلندو هجي ته انهيءَ حال سان انهيءَ عذر سان پڻ اوهانجي نماز صحيح آهي.

ميدان جنگ ۾ تلوارون چمڪنديون هجن، تير ۽ گولا وسندا هجن ته به اڌ لشڪر جو اڇي امام پٺيان جماعت سان هڪڙي رڪعت نماز پڙهي، اهي موٽي دشمن جي مقابلي ۾ وڃن ۽ ٻيو اڌ اچي امام سان ٻي رڪعت پڙهن وري هي وڃي دشمن کي سامهون ٿين، هو اچي نماز پوري ڪن، اها ترتيب نماز جي خود قرآن شريف

۾ آئي آهي.

اوهانکي خبر آهي تہ ميدان ڪربلا ۾ حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه کي نماز پڑهندي سجدي ۾ دشمن وجهہ وني قتل ڪيو. دشمن جي اهڙي سخت گهيري ۾ بہ امام صاحب نماز نہ ڇڏي.

حضرت علي شاه ڪرم الله وجهه جو بدن مبارڪ زخمن ۽ تيرن ڪان چور چور ٿي ويو هو، ڪو پيڪان سندن بدن ۾ رهجي ويو هو. ڊاڪٽر چيو تہ آءٌ آپريشن ڪري پيڪان ڪڍان. پاڻ سڳورن اجازت نہ ٿي ڏني سندن غلام قنبر چيو، بيهو آءٌ تو اٽڪل ڪريان. ڪرو چلمچي ڪٽي آيو. چيائين سائين اٿو، اٿي ويهي وضو ڪريو ۽ نماز پڑهو، نماز جو ٽائم ٿيو آهي، پاڻ اٿي وضو ڪري ويهي نماز ۾ مشغول ٿيا، تيسين ڊاڪٽر آپريشن ڪري ڪان ڪڍي ورتو.

هاڻي ڪن ڇڳن يلن سفيد پوشن کي ڇٻبو آهي، آيا نماز ٿي هلو، نماز ڇو نہ ٿا پڑهو؟ سائين اسين هميشہ نماز پڑهندڙ آهيون، بہ ٽي ڏينهن ٿيا آهن تہ ڪپڑا خراب ٿيا آهن، انهيءَ کي ڇٻبو آهي، عذر گناه بد تر از گناه- يعني تڙ وارو مٿي ميرو پڻ آهيان، ابا ٻاهر واٽر وهي پيو هتي مسجد جي کوهي آهي وڃي وهنج، وڃي ڪپڑا ڌوءِ يا گوڏ ٻڌي نماز پڑهہ، هي ڪهڙو نامعقول عذر آهي؟ تنهنجن ڪپڙن پليت ٿيڻ ڪري نماز تو تان معاف ٿي ڪا نہ وئي.

اصحابن سڳورن جي زماني ۾ ڪوبہ گناه ڪفر جهڙو ڪونہ سمجهندا هوا مگر نماز نہ پڑهڻ کي ڪفر ڪري سمجهندا هوا ڇو تہ دين اسلام جي سِسي آهي نماز، ٻيا اعمال آهن عضوا. عضوا وڍيل

هوندا تہ ماڻهو بچي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن سسي وڍي ڇڏبي تہ انسان خلاص، حياتي ختم،

حديث شريف ۾ آيو آهي: "مَنْ تَرَكَ الصَّلٰوةَ مُتَعَمِّدًا فَقَدْ كَفَرَ" جنهن ماڻهو ڄاڻي واڻي نماز ڇڏي تحقيق تنهن ڪفر ڪيو. انهي سبب ڪري امام احمد بن حنبل جي مذهب ۾ بي نمازي کي ڪافر چئجي ٿو. امام شافعي وٽ بي نمازي کي بادشاه قتل ڪري سگهي ٿو، مگر امام صاحب ابو حنيفہ وٽ اهو شخص فاسق فاجر آهي، ان کي حبس يعني قيد ڪبو. جيل ۾ رکبو تانجو هو توبہ تائب ٿئي. بي نمازي کان جهنگ جا مرون ۽ جانور بہ توبہ ڪندا آهن ۽ پناه گهرندا آهن.

شيطان بزار مرتبہ بهتر ز بے نماز
کو سجده پيش آدم و اين پيش حق نکرد (١)

پنهنجي ملڪ سنڌ ۾ نماز تمام ضعيف آهي، خاص خاندان، وڏا ماڻهو بہ نماز ٿا پڙهن، پوءِ بي عام خلق جو ڪهڙو حال ٿيندو، اسان بہ گهڻان ملڪ ڏٺا پر سنڌ جهڙي نہ مهمان نوازي ڪٿي ڏٺي سين نہ بي نمازي. جيڪڏهن اِها مهمان نوازي، رحمدلي هتي ۾ نہ هجي ها تہ خبر ناهي سنڌ جو ڪهڙو حال ٿئي ها.

---

(١) بي نمازي کان شيطان هزار ڀيرا چڱون آهي هن تہ آدم جي اڳيان سجدو نہ ڪيو، هي تہ خود خدا جي اڳيان بہ سجدو نٿو ڪري.

## ضروري گذارش

ڏسجي ٿو تہ ريل گاڏي ۾ جيڪي نماز جا متقي پاءِ بند شخص آهن انهن کان بہ نماز جا وقت قضا ٿيو وڃن يا وضو لاءِ پاڻي نہ ملي يا ريل گاڏي ۾ جاءِ نہ ملي يا اسٽيشن تي گاڏي ٿورو وقت بيهي. اڳي تہ ملڪ نصارن جو هو، اسلامي ارڪانن جي شناس هئن ۾ ڪانہ هئي، هاڻي تہ اسلامي حڪومت پاڪستان جي آهي. نماز وڏو رڪن اسلام جو آهي، نماز کانسواءِ مسلماني صحيح نہ آهي، پوءِ ڇو حڪومت اسلامي نماز قائم رکڻ لاءِ بندوبست نہ ٿي ڪري، بلڪ مسلمانن جي نمازن ۽ فرضن جي ادائي ۾ رڪاوٽون وجهيو ويئي آهي، ٻيا هيترا بندوبست ۽ ڪم ٿي سگهن ٿا. روڊن تي، پلين تي سوئي گيس تي ڪروڙين روپيا خرچڻ ۾ اچن ٿا باقي نماز جو بندوبست ٿي نٿو سگهي، يا اسٽيشن تي ١٥-٢٠ منٽ گاڏي بهاري وڃي، يا ٽرين ۾ مخصوص گاڏو لڳايو وڃي. مطلب تہ مسلمانن کي عموماً ۽ ڪائونسل جي ميمبرن ۽ وزيرن کي خصوصاً هن ضروري ڪم ۽ اسلامي فرض ڏانهن توجهہ ڪرڻ گهرجي ۽ متفقہ آواز سان رڙيون ڪرڻ گهرجن تہ هي غضب، هي ظلم مسلمانن سان ڇو ٿو ٿئي. ڪنهن غريب مهاجر جي جهوپڙي ڊاهي وڃي تہ جيڪر آسمان متي تي ڪٽن، باقي اسلام جو گهر ڊهي وڃي ۽ وڏو رڪن ڪيرايو وڃي تہ پرواہ ئي نہ آهي. اَلصَّلٰوۃُ عِمَادُ الدِّيْنِ مَنْ اَقَامَهَا فَقَدْ اَقَامَ الدِّيْنَ وَمَنْ هَدَمَهَا فَقَدْ هَدَمَ الدِّيْنَ-

## آمديم برسر منطلب

وسوسن جي قطع ڪرڻ لاءِ اوهين هي به اصول (قاعدا شرعي) ياد رکو ۽ انهن تي عمل ڪريو هڪ ته، اَلْيَقِيْنُ لَايَزُوْلُ بِالشَّكِّ. ڪنهن ڳالهه جو يقين اوهان کي هجي ته شَڪَّ پوڻ سان اهو يقين زائل نه ٿو ٿئي، يقين، يقين سان زائل ٿي سگهي ٿو نه شڪ ۽ امڪان سان. مثلاً اوهان کي وضو ڪرڻ جو يقين آهي، مگر وضو پڄي پوڻ جو شڪ پيدا ٿي پيو آهي ته اوهان جو وضو حڪماً قائم آهي، اوهين ٻيو وضو نه ڪريو. يا پاڪ پاڻي آهي تنهن ۾ اوهان کي شڪ پيدا ٿيو ته متان پليت ٿيو هجي، ممڪن آهي ڪا پليتي پئي هجيس يا ڪنهن ٻار ٻچي ناپاڪ هٿ وڌو هجي ته اهو پاڻي شرعاً پاڪ آهي، اوهين بيشڪ انهيءَ سان وضو ڪريو، يا پيو.

ٻيو قاعده آهي ته: اَلْاَصْلُ فِي الْاَشْيَاءِالطَّهَارَةُ- يعني ڪپڙو پاڻي ٽانو، ٿپو وغيره. دراصل سڀ شيون شرعاً پاڪ آهن. پليت ٿيڻ ته عارضي ڳالهه آهي، شايد ۽ ممڪن آهي ته پليت ٿي وئي هجي مگر اهو "شايد" ۽ "ممڪن" اسان جو شڪ ۽ گمان آهي. اسانجي شڪ ۽ گمان سان اهو يقيني حڪم شرع جو باطل نٿو ٿئي. اسين انهي شرعي اصول تي فتويٰ ڏينداسين نه پنهنجي شڪ تي. اسان جا حضرت صاحب والد مرحوم ومغفور، هندن جي مٺائي وغيره هرگز ڪونه کائيندا هوا، مگر شادين مرادين ۾ مٺن جا مڻ گهرائي ماڻهن ۾ تقسيم ڪرائيندا هوا ۽ ڪنهن کي منع ڪانه ڪندا هوا. تقويٰ ٻي شي آهي، فتويٰ ٻي شئي آهي، نيڪوڪار ۽ تقويٰ وارا ماڻهو پاڻ عزيمت تي عمل ڪندا آهن ۽ عام خلق کي رخصت ڏيندا

آهن، پاڻ ڪي تڪليف ڏيندا ٻين ڪي تڪليف نه ڏيندا.

حضرت امير عمر رضي الله عنه ڪنهن سفر ۾ پاڻي جي ڏٻي تي اچي لٿا ۽ وضو يا پيئڻ لاءِ پاڻي استعمالِ ڪرڻ چاهيون، ڪن همراهن چيو خبر نه آهي ڪي جهنگلي جانور هن ڏبي مان پاڻي پي خراب ڪري ويا هوندا پيٽا ڳيڻا ڪرڻ گهرجي. حضرت امير عمر رضہ فرمايو نه نه، ڪو ضرور تحقيقات ڪرڻ جو ڪونهي، ڪا پليتي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، بيشڪ استعمال ڪريو پليتي جو وسوسو نه ڪريو. "لِاَنَّ الْاَصَلَ فِی الْاَ شْیَاء الطَّهَارَةُ" -

**مسئلو:** ڪافرن جي رڌل ماني يا مٺائي کائڻ درست آهي، پليتي مشڪوڪ آهي مسلمانن تي تنگي نه ڪرڻ گهرجي ۽ جواز تي فتويٰ ڏيڻ گهرجي، انهي باب ۾ حضرت امام رباني جي مفصل ۽ مدلل تحرير مڪتوب ٻاويهن دفتر ٽئين ۾ ڏسو، عجب آهي سنڌ ۾ ڪي ماڻهو پاڻ ته روزو نماز نه ڪن مگر ڪولهين يا هندن جي هٿان ماني نه کائن نه پنهنجو ٿانوَ هنن کي ڏين نه وري هنن جي ٿانوَ ۾ ماني کائين، باقي مٺايون يا ولايتي شيون خوب مزن سان کائيندا آهن، حالانڪ هو جهاٽڪو حيوان جو ڪندا آهن. پاڪ جانورن کي مردار ڪري کائيندا آهن، هن ملڪ جا هندو يا ڪولهي مسلمانن جو ذبح ڪيل کائيندا آهن، پاڻ ڪونه کهندا آهن.

**مسئلو:** نيلامي ڪوٽ ڪپڙا (غير مسلمن جا استعمال ڪيل) پائڻ ۽ انهن ۾ نماز پڙهڻ درست آهي مگر پتلون يا سٿڻ انهن جي ڌوئي پاڪ ڪري پوءِ استعمال ڪجي جو ته پتلون يا سٿڻ جي پليتي يقيني آهي شڪي ڳالهه نه آهي.

نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن امام محمد رضي الله عنه پنهنجي استاد امام ابو حنيفہ رضہ کان مسئلو پڇيو تہ جندي (يعني لشڪري ماڻهو جيڪي پاڪائي پوري نہ رکندا آهن بلڪ بعضي نماز نہ پڙهندا آهن) تن جي ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ درست آهي يا نہ، امام صاحب جواب ڏنو تہ درست آهي، امام محمدرضي الله عنه کي عجب لڳو ۽ عرض ڪيائين تہ ڀلا اوهين انهن جي ڪپڙن ۾ نماز پڙهندو؟ امام صاحب ڪجهہ ڪاوڙجي چيو آءٌ تہ تنهنجي ڪپڙن ۾ بہ نماز نہ پڙهندس، مگر شريعت جي فتويٰ اها ٻڌائيندس جيڪو شرعي حڪم هوندو ۽ جيڪو عام خلق لاءِ آسان هوندو.

امام صاحب جي ورع ۽ تقويٰ جون ڳالهيون عجيب و غريب حڪايتون ڪتابن ۾ مذڪور آهن، دل گهري ٿي تہ بعضي حڪايتون لکان، مگر پنهنجي موضوع کان نڪري وينداسين ۽ هي مختصر رسالو ڊگهو ٿي ويندو.

حکایت بود بے پایان بخاموشی ادا کردم (١)

اڳي هڪڙو مفصل ڪتاب هن باب ۾ لکيو ويو آهي جيڪڏهن قسمت ٿي اهو شائع ڪنداسين. "امام ابو يوسف رضي الله عنه جو نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن مدينہ پاڪ ۾ پاڻ غسل ڪري نماز پڙهايائون، پوءِ خبر پئي تہ جنهن پاڻي سان غسل ڪيو ويو هو انهي کوهي ۾ ڪئو مئل پيو هو، هيتري خلق جا پنيان نماز پڙهي وئي تن جون نمازون نہ ٿيون، امام ابو يوسف فرمايو تہ:

---

(١) ڳالهہ تہ اڻ کٽ هئي پرمون ماٺ منوڙي ۾ پوري ڪري ڇڏي.

"اَلْيَوْمَ نَعْمَلُ بِقَوْلِ اِخْوَانِنَا اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ اِذَا كَانَ الْمَاءُ قُلَّتَيْنِ لَايَتَحَمَّلُ الْخُبْثَ-"

يعني جيڪڏهن پاڻي ٽانڪي جو يا کوهي جو گهڻون هوندو ته اهو پليت نه ٿيندو. انهي مان معلوم ٿيو ته ضرورت جي وقت ٻئي امام جي مذهب تي عمل ڪرڻ ۽ فتويٰ ڏيڻ به درست آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته اڳوڻن عالمن ۽ امامن وٽ اهڙو تعصب ۽ عناد ڪونه هو. جو ٿوري گهڻين ڳالهه تي يڪدم پنهنجي مخالفت ڪري ٻي ڌر کي ڪافر ملعون. مردود چون ۽ هن کي دائره اسلام کان خارج ڪري سمجهن. ڇو ته هي ديوبندي آهي. هي بريلوي آهي. خير هي قصو به تمام ڊگهو آهي. اتي تا ختم ڪريون.

## غمن جو علاج صبر ۽ قناعت سان

انسان کي حرص ۽ هوس حيران ۽ پريشان ٿو ڪري. خاطر جمعي ۽ خوشي جو خانو خراب ڪريو ڇڏي. مرزا غالب هن حقيقت جو اظهار هن طرح ڪيو آهي.

تلاش عیش میں ہر غم ہے پنہاں
خوشی کو چھوڑ دو غم ہی نہ ہو گا

تنهن جو سبب ڇا آهي؟ ته دنيا جو ڪوئي عيش ڪابه خوشي غم کان خالي نه آهي اوهين ڪوبه ڪم ڪري ڏسو. پنهنجي شادي ڪريو. پنهنجي اولاد جي شادي ڪرايو. ڪنهن جي نوڪري ڪريو. يا ڪا زمينداري ڪريو. هزارين ڏک اوهان کي درپيش ايندا هزارين عيب اوهان ۾ وجهندا. هزارين طعنا اوهان کي لڳندا. اوهان

جي پٽ ۾ پاڻي وجهي ڏيندا. اوهانجيون خوشبيون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندا.

فارسي جو مشهور پهاڪو آهي. "غم نداري بزبخر" يعني جيڪڏهن توکي غم ۽ فڪر نه آهي پاڻ ڪن ڪير تي قناعت نه آهي ته ٻڪري خريد ڪري پاڻ وٽ ٻڌ، پوءِ ڏس ته انجي پٺيان ڪيترا غم ۽ فڪر پيدا ٿين ٿا. ٻڪري ته فقط مثال طور ڳالهائي وئي آهي، وڏين بلائن مثلاً اٺ، گهوڙي، گاڏي ۽ موٽر ۾ ته اڃا وڏيون آفتون ۽ وڏا غم مضمر آهن، پوءِ دنيا جا حرص ۽ هوس هڪ ٻئي جي پٺيان مسلسل آهن ۽ اهو سلسلو ڪٽڻ جو ۽ بس ٿيڻ جو نه آهي. جيترو حرص وڌائبو وڌو اوترو وڌندو ويندو ۽ انهي سان تڪليفن مصيبتن ۽ آفتن جا مينهن مٿس وسندا رهندا ۽ جيتري قدر اوهين حرصن کي گهٽائيندا، صبر ۽ قناعت کان ڪم وٺندا اوترو بي غم، بي فڪر، خاطر جمع ۽ خوش حال رهندا.

نقل آهي ته هڪڙو بادشاه هميشه غمگين، سدائين اداسي رهندو هو، نجومين تنهن کي چيو "توهين اهڙي ماڻهو جي ٽوپي وٺي مٿي ۾ پايو جنهن کي ڪو غم، ڪو فڪر نه هجي، سدائين خوش حال رهندو هجي." وزيرن کي حڪم ڪيائين يڪدم وڃي اهڙو ماڻهو پيدا ڪريو ۽ هن جي ٽوپي وٺي اچو هو اهڙي ماڻهو جي ڳولا لاءِ نڪتا، ڪيترن شهرن ۾ ويا ڳهٺ ڳوٺن ۾ گهميا پر اهڙو خوش نصيب ماڻهو هنن کي هٿ نه آيو، "آخر جوينده يابنده". هڪڙو تمام غريب ماڻهو، مگر تمام بي غم ۽ خوشحال جنهن کي ڪو غم ڪو فڪر نه هو هٿ ڪيائون، تنهن کي چيائيون پنهنجي ٽوپي اسان کي بادشاه لاءِ ڏي، جيترو ملهه تون چوين اوترو توکي

ڏينداسين. هن کي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ تعجب جي حد ڪانہ رهي، جڏهن معلوم ڪيائون تہ هن کي ٽوپي آهي ئي ڪانہ. "ما هيچ ندادرم غم ما هيچ ندادرم" (نڪائي شئي رکون، نہ ڪوئي غم رکون) وارو قصو لڳو پيو آهي. هتي شبهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڀلا هيترا ماڻهو سڀ دنيا جا، عقل وارا ماڻهو ۽ علم وارا، رات ڏينهن، چو دنيا جي پٺيان سرگردان ۽ پريشان آهن، مال دولت سان اسباب جي گڏ ڪرڻ ۾ رات ڏينهن سرگرم ۽ ڪوشان آهن. تنهنجو جواب هي آهي تہ جيڪي سچ پچ عاقل بالغ ماڻهو آهن، جن جو قول ۽ فعل اسان لاءِ حجت ۽ قابل تقليد آهي، مثلاً تمام علماء، عقلاء، حڪماء، صوفياءِ ڪرام، اولياءِ عظام، خلفاءِ راشدين، ائمہ دين متين جو قول ۽ فعل اهو نہ آهي، اُهي تہ سڀ صبر ۽ قناعت جي وجوب ۽ ضرورت جا قائل ۽ عامل آهن، باقي رهي ڳالھہ عوام الناس جي، جن جا ڀيا بہ انعال ۽ اقوال غلط بر غلط ناقابل قبول آهن، سي ڇو ٿا اهي ڪم ڪن.

تنهن جو سبب هي آهي تہ دنيا جا عيش عشرت شاديون ۽ خوشيون، مال ۽ متاع بظاهر خوش نما ۽ شيرين آهن، باطن ۽ ڪڙيون ۽ زهر آلوده، جئين ڪونين يا ٻيون ولايتي ڪوڙيون دوائون مٿن اڇو اڇو غلاف شڪر جو چڙهيل هوندو آهي، اندر ڪاري ڪوڙي دوا زهر جهڙي هوندي آهي. يا بازار ۾ ڪوڙا پتل جا زيور ڏسندا مٿان سهڻون سونهري رنگ چڙهيل هوندو، اندر ڪارو ڪٽ هوندو، انسان هن جي ظاهري شڪل ۽ صورت تي يا وقتي ميٺاج ۽ لذت تي موهجي وڃي ٿو ۽ هن ۾ گرفتار ٿيو وڃي جئين مک ماکي جي ميٺاج تي ڦاسي پوي يا پکي داڻہ لاءِ دام ۾ گرفتار ٿيو وڃي يا

پتنگ روشنائي لاءِ باه ۾ سڙيو وڃي، تئين بي عقل انسان به انهن جي ظاهري صورت يا فوري لذت تي پلجي پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسائي وجهندو آهي ۽ نتيجه کان غافل رهندو آهي.

ڏسو اوهين بازار مان مڻايون، هوٽلن تان پوڙ پلاءُ. ڪباب. ڪوفتا آئي کائو ٿا، في الحال ته انهن مان چڱي لذت حاصل ٿئي ٿي، مگر اوهين پاڻ سمجهو ٿا ته پوءِ انهن مان انيڪ مهلڪ بيماريون پيدا ٿين ٿيون. اوهانجي صحت خراب ٿئي ٿي ۽ انهن جي زهري اثر کان وري هزارن خرچڻ سان به پنهنجي جند ڇڏائي نٿا سگهو. ڏيو جواب. ڇو ٿا عاقل بالغ ديده دانسته اهڙا ڪم ڪن، فَمَا هُوَ جَوَابُكُمْ فَهُوَ جَوَابُنَا اهو آهي هزارن مان هڪڙو مثال هوا ۽ هوس جو ۽ اهو آهي مصداق "زر دادن و درد سر خريدن" جو. ٻيا هزارين مثال ان تي قياس ڪريو.

يا مثلاً اڄوڪي زماني ۾ ميمبري ۽ وزيري حاصل ڪرڻ لاءِ هزارين لکين روپيا خرچ ڪجن ٿا ووٽن خريد ڪرڻ لاءِ هزارين ناجائز طريقا استعمال ڪجن ٿا. مثلاً پنهنجي تعريف ۽ خودثنائي ڪرڻ مخالف ڌر جون ٻي جاءِ گلائون ۽ شڪايتون ڪرڻ، هنن جي ذاتي عملن تي، هن جي خانداني شرافت تي حملا ۽ طعنا ڪرڻ ۾ اچن ٿا. پنهنجي خانداني شرافت ۽ تهذيب جي برخلاف ڪم ڪرڻ ۾ اچن ٿا پير دستگير جا پلاند وجهڻ. قرآن شريف جو ميڙ ماڻهن وٽ ڪڻي وڃڻ. غريبن کي هيسائي دٻائي سندن ضمير جي برخلاف ووٽ وٺڻ، ٻي صورت ۾ هن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائڻ ۽ هميشه لاءِ هن سان وير رکڻ، هن جون ڏالون ڪٽائڻ ۽ چوريون ڪرائڻ وغيره

وغيره جنهن جا مثال اوهانکي پاڻ گهڻان معلوم هوندا. اسانکي بيان ڪرڻ جو ضرور ڪونہ آهي.

پوءِ بالفرض والتقدير - "ليک بعد از خرابی بصره" جيڪڏهن هو ڪامياب ٿيو تہ بہ جن کي سبز باغ ڏيکاري، دم دلاسا ڏئي ڪم ورتو ويو تن جي اميدن تي پاڻي ڦري وڃي ٿو، تن جا مطلب پورا نہ ٿا ٿين تن سان بي وفايون ۽ وعده خلافيون ڪيون وڃن ٿيون پوءِ سيني جي مٿس لعنت ۽ ملامت وسندي، هر جاءِ سندس گلا ۽ شڪايت ٿيندي رهندي، حالانڪ هو پاڻ في الواقع شريف خاندان ۽ واجب الاحترام معزز ماڻهو هوندو، مگر ميمبري يا وزيري جي هوس ۾ سڀ حرمت ۽ عزت پنهنجي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندو.

مونکي ياد آهي هڪڙي دفعي هڪڙو معزز شريف خاندان سادات ميمبري لاءِ اميدوار بيٺو هو، حضرت قبلہ گاهي قدس سره جي خدمت ۾ ووٽن جي مدد وٺڻ لاءِ آيو هو، حضرت صاحب جن ڏسي هن کي فرمايو، شاه صاحب! اوهين پاڻ موروثي خاندان، شريف النسب سادات آهيو، اوهانکي شاهي لقب جيڪو خدا تعالیٰ عطا فرمايو آهي، سوئي اوهان لاءِ ڪافي آهي، عارضي ڪرسي ۽ لقب لاءِ چو ٿا ايتري قدر تڪليف ۽ محنت ڪريو. اتفاقاً ٿيو بہ ائين ٿي، ۽ هو شاه صاحب ڪري پيو ۽ مقابل زميندار اميدوار ڪامياب ٿي ويو.

ڪن کي پنهنجي گذران لاءِ ڪافي زمين موجود هوندي عيال اطفال جي گذران لاءِ ڪافي هوندي، مگر چوندا اسين هي زمين خريد ڪريون، هي مقاطعو ڪٽون، هي موٽر وٺون، هي بنگلہ ٺهرايون تہ اسين خوش حال ۽ فارغ البال رهنداسين حالانڪ هي سڀ گورکہ

اکيون آهن، باقي جيڪو زيادتيون ڪندو ۽ پاڻ لاءِ ضرورتون پيدا ڪندو ته انجي ڪاحد. ڪا نهايت ڪانه آهي، اهو سلسلو ايترو لامتناهي ڏکيو ٿيندو ويندو، جو سڄي عمر گذري ويندي مگر اهو سلسلو منقطع ڪونه ٿيندو ۽ اهي ضرورتون پوريون ڪونه ٿينديون انهي سبب ڪري دانائن چيو آهي.

ڪار دنيا کسے تمام نکرد
ہر چہ گیرید مختصر گیرید (١)

بيشڪ اوهان وٽ ضرورت کان زياده پنهنجو پيسو موجود هجي، قرض مرضن کان آزاد هجو پوءِ ڪنجوسي نه ڪريو، پنڌ نه هلو. اوهان ڪي موٽر به وٺي گهرجي، هوائي جهاز ۾ گهمڻ به جڳائي، نه ته اوهانجا پنهنجا پير به موٽر ۽ بازو پنهنجا هوائي جهاز آهن. پنهنجن بازون جي همت سان اوهين آسمان ترقي تي پرواز ڪري سگهو ٿا.

بوقت تشنہ لبے چینی و سفال مخواہ
کفے کشودہ بہم آر و ساغر جم گیر (٢)

بعضي ماڻهن وٽ پنهنجو پيسو هٿ ۾ ڪونه هوندو آهي مگرهن اميد موهوم تي ته هن فصل مان اسانکي پيدائش گهڻي ٿيندي، هن واپار مان اسين فائدو گهڻو ڪمائينداسين. پاڻ کي زير بار قرض جي يا دوستن جي امداد جو ڪندا آهن، پوءِ اهو خيال غلط ثابت ٿيندو

---

(١) دنيا جا ڪم ڪوبه پورا ڪري نه سگهيو آهي انهي ڪري جوڪجهه ڪريو سو مختصر ڪريو. (٢) اڃ جي وقت ٺڪر يا چيني جا پيالا نه گهر. پنهنجو هٿ کولي (ٻڪ ڀر) پاڻي پيءُ ۽ انهيءَ کي جام جمشيد سمجهو.

آهي. ۽ اهو خواب شرمنده تعبير نہ ٿيندو آهي، نتيجو انهن جو سواءِ پشيماني ۽ شرمساريءَ جي ٻيو ڪو حاصل ڪونہ ٿيندو آهي، تنهن ڪان صبر سڪون ڪرڻ بهتر آهي.

چرا کارے کند عاقل کہ باز آید پشیمانی (١)

**فائده:** (قناعت جي معنيٰ) قناعت جي معنيٰ آهي پنهنجي موجوده حالات تي صبرُ ۽ سڪون ڪرڻ، پنهنجي مالي حالت موافق قدم کڻڻ مثلاً ڪنهن جي آمدني سؤ روپيہ ماهانہ هجي تہ انهن کي سؤ مان پورائي ڪرڻ گهرجي ۽ جنهن جي هزار آمدني هجي تنهن کي هزار مان پورائي ڪرڻ گهرجي ڇو تہ انسان تي بعضي نوان خرچ ناگهاني واقعا ۽ اوچتا حادثا اچي وڃن ٿا تن کي بروقت منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجو پس انداز پيسو موجود هوندو تہ وقت تي ڪم ايندو قناعت ۾ سڀ سک آهي قناعت ۾ اوهانجي عزّت ۽ حرمت آهي. "عَزَّ مَنْ قَنَعَ وَذَلَّ مَنْ طَمَعَ" (٢)

قناعت اها دولت آهي جا وڃڻ جي نہ آهي، قناعت خزانو آهي جو کٽڻ جو نہ آهي، قناعت وارو ماڻهو هميشہ خوش حال فارغ البال رهندو، حرص ۽ حسد وارو ماڻهو هميشہ بي قرار بي آرام رهندو، هن جي دل هميشہ تر تلي ۾ رهندي.

---

(١) ڏاهو ماڻهو اهڙو ڪم ڇو ڪري جو پشيمان ٿيڻو پوي.
(٢) جنهن قناعت ڪئي سو عزت وارو ٿيو. جنهن لالچ ڪئي سو خوار ٿيو.

باب ٻيو

# منجهه ذڪر فڪر ۽ مراقبه جي

## غمن جو علاج ڪلمه طيّبه سان

قرآن شريف ۾ خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

"اَلَا بِذِكْرِ اللهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ⭘

يعني الله تعاليٰ جي ذڪر سان اوهانجيون دليون آرام وٺن ٿيون. ۽ حديث شريف ۾ آهي افضل الذكر لَا اِلٰهَ اِلَّا الله. يعني بهترين ذڪر لَا اِلٰهَ اِلَّا الله آهي. پوءِ اوهين يقين ڪري سمجهو ته اوهانجي سيني دردن جي دوا ۽ قلبي روڳن جي شفا ڪلمه طيبه لَا اِلٰهَ اِلَّا الله ۾ آهي، جنئين قرآن ۽ حديث سان ثابت ٿيل آهي. پر اوهان ڪڏهن هن جي معنيٰ تي به غور ڪيو آهي ۽ ان جي پٽاندڙ يقين ۽ اعتقاد به رکيو آهي يا طوطي جي آواز وانگي فقط زبان سان پڙهي رهيا آهيو ۽ ان جي معنيٰ ۽ حقيقت تي غور ڪونه ڪيو آهي.

لکيو اٿن ته ڪلمه شريف جون ٽي معنائون آهن. هڪڙي معنيٰ آهي عام فهم جيڪا تمام عالم اسلام تي سمجهڻ فرض عين آهي ۽ سڀ ڪنهن مومن مسلمان کي ان تي ايمان آڻڻ لازمي آهي سا آهي لَا اِلٰهَ اِلَّا الله، يعني ناهي ڪو معبود ۽ خالق، رَزّاق، مالڪ ۽ موليٰ منهنجو سواءِ ذات پاڪ الله تعاليٰ جي وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ.

ٻي معنيٰ آهي خاص، جا مشائخ ۽ اولياء ڪرام جي پيش نظر ۽ دل ۾ ملحوظ هوندي آهي، سا آهي لَا اِلٰهَ اِلَّا الله يعني نه آهي ڪو مقصود منهنجو، نه آهي ڪو غرض ۽ مطلوب سنهنجو سواءِ ذات پاڪ الله تعاليٰ جي. ٻيا سڀ اغراض ۽ مقاصد پنهنجا "لَا" جوڻ

سان نفي ڪري ڇڏي ۽ ڪا خواهش دنيا جي يا پنهنجي جسم ۽ جان جي دل ۾ نه رکي، جڏهن انهيءَ معنيٰ سان ڪلمه پڙهندو ۽ بار بار تڪرار ڪندو تڏهن هن جي دل روشن ٿيندي، دنيا جي تعلقات ۽ رنگ زهر ڪان سندس باطن پاڪ ٿيندو. غير جو خيال، غير جي محبت ۽ غير جو غم دل مان نڪري ويندو. پنهنجي دل ۾ فقط يار کي جاءِ ڏيندو نه اغيار کي. اقبال به پنهنجي ڪلام ۾ انهي معنيٰ ڏانهن هن طرح اشارو ڪيو آهي.

يه مال و دولت دنيا يه رشته و پيوند
بتان وهم گمان لا اله الا الله

ٽين معنيٰ جا خاص الخاص آهي ۽ اجا اعليٰ اڪمل آهي سا آهي لَا اِلٰهَ اِلاّ الله يعني نه آهي ڪو موجود حقيقي، آسمان ۾، زمين ۾ تمام ڪائنات ۾ سواءِ ذات پاڪ الله تعاليٰ جي يلا جڏهن هن اهو يقين رکيو ۽ اعتقاد جا زم ڪيو پوءِ هن کي غم ڇا جو ٿئي، غم ڪري ڪهڙيءَ شيءَ جو؟ هن ته دنيا جي بود، نابود کي يڪدم معدوم ڪري سمجهو، خواه غم هجي خواه خوشي پوءِ غم ڇا جو، اوهين به ڪجهه وقت معنيٰ جي لحاظ سان مراقبه ڪريو ۽ انهي ذوق شوق سان عشق پچايو پوءِ ڏسو ته ڇا مان ڇا ٿي تو وڃي.

## ڪلمهٔ تهليل جا فضائل

حديث شريف ۾ آيو آهي ته هڪڙي ڏينهن ڪو اعرابي سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله ﷺ اسلام جا نيڪ عمل (نوافل ۽ عبادتون) ايترا گهڻا آهن جو مون کان نه ٿا ٿي سگهن پوءِ

مونکي ڪو اهڙو ٿورو عمل ڏسيو جو آءُ ان کي چنبڙي وٺان حضور جن ﷺ جواب ۾ ڪيس فرمايو. "لَايَزَالُ لِسَانُکَ رَطَبًا مِنْ ذِکْرِ اللّٰهِ." هميشه زبان تنهنجي الله تعاليٰ جي ذڪر سان ترو تازه رهي. يعني ذڪر جي ڪثرت ۾ مداومت ڪر. اهو سولو عمل تولاءِ ڪافي ۽ شافي آهي ۽ گهڻن عملن کان توکي مستغني ڪندڙ آهي.

"ڪنهن ڪتاب ۾ نقل ڏنو اٿم ته هڪڙي وقت حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام بارگاه الهيٰ ۾ عرض ڪيو ته يا الله مون کي ڪو اهڙو ورد وظيفه عطا فرمايو جنهن سان تنهنجي درگاه ۾ وڏو مرتبه ۽ قرب حاصل ڪريان. درگاه الهيٰ مان ارشاد ٿيو ته ڪلمه طيبه لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله پڙهندو رهه ته توکي اهو مرتبه حاصل ٿئي ۽ قرب الاهيءَ کي تون واصل ٿئين. هن نبي سڳوري ڀانيو ته شايد مون کي ڪو خاص اسم اعظم عطا ٿيندو، جو ٻين کي معلوم نه هوندو. عرض ڪيائين ته "يا اِلٰهَ الْعٰلَمِيْنَ" اهو ڪلمه سڳورو ته سڀ ڪو ڄاڻي ٿو، سڀ ڪو پڙهي ٿو. ارشادِ ٿيو ته يا موسيٰ قسم آهي منهنجي ذات پاڪ جو ته تمام ڪائنات ست آسمان ست زمينون ۽ جيڪي انهن ۾ آهي، هڪڙي پاسي هجن ۽ ڪلمه طيبه ٻي پاسي هجي ته ڪلمه طيبه شرف ۾ عزت ۾ قدر ۽ قيمت ۾ سڀ کان زياده ۽ اعليٰ ٿيندو.

حضرت امام رباني مکتوبات شريف (١) ۾ لکيو آهي ته خدا تعاليٰ جي ڏمر ۽ غضب لاهڻ واسطي ڪا شئي ڪلمه طيبه کان بهتر نه آهي، جڏهن ته ڪلمه طيبه سان ڪفر ۽ شرڪ جهڙا گناه ميٽجن ٿا. دخول دوزخ جهڙو غضب معاف ٿئي ٿو ته ٻيا گناه ۽

(١) مکتوب شريف ٣٧ دفتر نمبر٢

غضب ته سڀ ان کان گهڻ درجا ۾ آهن. ڪلمون آهي جو رحمت جي خزانن جي ڪنجي آهي، ڪلمون آهي جو دوزخ کان نجات آهي، ڪلمون آهي جو دخول جنت جو ذريعو آهي. "مَن قَالَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ دَخَلَ الْجَنَّۃَ" جي وڏي عظيم الشان بشارت ان لاءِ ثابت ٿيل آهي. اوهين هڪڙي ڪلما لَا اِلٰهَ اِلَّا الله چوڻ سان بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان تعجب نه ڪريو. اسين محسوس ٿا ڪريون ته جيڪڏهن سڄي دنيا کي هن هڪڙي ڪلما سان بخش ڪيو وڃي ۽ جنت ۾ موڪليو وڃي ته ڪو عجب نه آهي. انهيءَ ڪلما طيبه جون برڪتون جيڪڏهن تمام عالم تي تقسيم ڪجن ته سيني کي ڪفايت ڪري ۽ سيئي سيراب ٿي وڃن، ڇو ته سڄي دنيا هن ڪلما مبارڪ جي مقابلا ۾ هڪڙي ڦڙي کان به مقابلا ۾ ستن سمنڊن جي گهڻ زور آهي، اسانکي دنيا ۾ ڪا آرزو، ڪا تمنا باقي نه آهي، مگر هي جو ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ڪلما طيّبه جي تڪرار سان مسرور ۽ محظوظ ٿجي ۽ باقي عمر ان ۾ صرف ڪجي. انتهي ملتقطاً.

مرحوم مرزا فيض احمد بيگ ٽنڊه نوڙي وارو، جو هڪڙو صوفي مشرب، درويش صفت انسان ۽ حڪيم حاذق هو هڪڙي دفعا ڪيس مون چيو مرزا صاحب منهنجي دل ضعيف آهي منهنجي طبيعت ڪمزور آهي. مون کي علاج ڏسيو، مون ڀانيو ته مرزا صاحب مون لاءِ ڪو جواهر مهرو يا مفرح ياقوتي جو نسخو تجويز ڪندو، مون ڏانهن نهاري چيائين ته سائين حڪيمن جو چوڻ آهي ته هرڪو عضوو انسان جو ورزش ڪرڻ سان ۽ ڪم ڪرڻ سان طاقت وٺي ٿو. قلب جي ورزش آهي ذڪر قلبي، اوهانجي طريقه

نقشبنديه ۾ ته سڀ مراقبه ۽ اذڪار قلبي آهن. اوهين به ذڪر قلبي ڪريو ته "دل" اوهانجي طاقت وٺي ۽ قلب کي فرحت ۽ قوت حاصل ٿئي ڏسو ته مذڪور حڪيم روحاني کهڙو نه معقول ۽ مدلل جواب ڏئي مونکي لاجواب ڪيو ۽ هڪ بهترين علاج لاءِ مونکي هدايت ڪئي. (رحمة الله تعاليٰ عليه)

دوستو! آءٌ به اوهانکي اهو نسخه ڏسيان ٿو جيڪو مونکي مرزا صاحب ڏسيو هو اوهين ان تي عمل ڪريو ته اوهانجا درد دور ٿين، دل مسرور ٿئي ۽ اطمينان قلبي حاصل ٿئي. اَلَا بِذِكْرِ اللهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ○ بيشڪ الله تعاليٰ جي ذڪر سان ۽ محبوب جي يادگيري سان دليون شاد ۽ غمن کان آزاد ٿين ٿيون. هتي اسين طريقه نقشبندي جي ذڪر ۽ مراقبه ڪرڻ جي مختصر ترتيب لکي اوهانکي ٻڌايون ٿا.

خواجگان نقشبنديه پهرين طالب کي ذڪر اسم ذاتي، اَللهُ، اَللهُ، جو ڏسيندا آهن ۽ ذڪر قلبي ڪرائيندا آهن تنهنجي ترتيب هي آهي ته طالب قبله کي سامهون ٿي وهي، اکيون بند ڪري زبان بند ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي دل ڏانهن متوجه ٿئي دل ۾ فقط خيال ۽ ويچار سان اَللهُ، اَللهُ پڙهندو رهي. هي گويا، پهريون سبق الف، با، تا جو آهي جيئن ڇوڪري کي فرحي هٿ ۾ ڏئي ڇئبو آهي، ڪنڌ هيٺ ڪر، هيڏانهن، هوڏانهن نه نهار، اکر اکر تي آڱر رکي چؤ الف، بي، تي، ثي، اهڙي طرح سان طالب کي اهو سبق پڪو ڪرائبو آهي، انهيءَ ذڪر ۾ نه ساه بند ڪرڻ جو ضرور آهي نه ڪنهن عدد مخصوص جي رعايت ڪرڻي آهي نه ڪنهن وقت جي

پائي بندي آهي هر وقت ۾ هر حال ۾ هر صورت ۾ ڪثرت سان اهو ڪم ڪري تانجو سبق پڪو ٿئي.

ذڪر جاري ٿيڻ ۽ سبق پڪي ٿيڻ جي نشاني هي آهي ته طالب جي دل تي خدا تعاليٰ جو نالو نقش ٿي وڃي ۽ وسري نه، جنهن وقت ذاڪر پنهنجي دل ڏانهن ٿورو خيال ڪري يڪدم خدا تعاليٰ جو نالو ياد اچي ۽ دل الله، الله، پئي ڪري. مداومت ۽ ڪثرت مشق سان هن جو اهڙو حال ٿيندو جو سمهندي، اٿندي، وهندي، هلندي، چلندي، هن کي الله تعاليٰ جو نالو ياد پيو ايندو ۽ دل تي اهڙو پڪو نقش ٿي ويندو جيئن پٿر تي اکر چٽيل هجن.

ٻي وڏي علامت هي آهي ته ذڪر ڪرڻ سان ۽ مراقبه ڪرڻ ۾ هن کي فرحت ۽ راحت محسوس ٿئي تڪليف ۽ مشقت لهي وڃي، جو ته نو آموز ماڻهوءَ کي ڪم ڪرڻ ۾ تڪليف محسوس ٿئي ٿي، جڏهن ان ڪم تي هرندو تڏهن ان ڪم ۾ هن کي خوشي محسوس ٿيندي ۽ لذت ايندي.

هن ذڪر اسم ذاتيءَ جا سبق پنج آهن جنهن کي لطائف خمسه چوندا آهن، يعني قَلبي، روُحي، سّري، خَفي، اخَفَي، جن ۾ فرق فقط ذڪر جو سيني ۾ مختلف جائن تي ۽ انوار جي رنگن جو آهي. مگر وڏو اهم ۽ مهم ذڪر قلبي آهي، اهو جاري ٿيو ته وڏي نعمت ۽ نهايت غنيمت آهي. انجو نالو اوليائن جي دفتر ۾ داخل ۽ وَالذّاكِرِيْنَ اللهَ كَثِيراً وّالذّاكِرَاتِ ۔ جي بشارت ۾ شامل ٿي ويندو. پوءِ ذڪر ڪلمه تهليل جو شروع ڪبو.

جاڻڻ گهرجي ته ڪلمه طيّبه جو ذڪر خواه اسم ذاتيءَ جو ذڪر ٻه قسم آهي. هڪڙو قسم زبان سان پڙهڻ، سو ته هر وقت

هرحال ۾ سڀ ڪنهن مسلمان کي پڙهڻ گهرجي. لَا يَزَالُ لِسَانُکَ رَطَبًا مِنْ ذِکْرِ اللهِ○ يعني هميشہ تنهنجي زبان خدا تعاليٰ جي ذڪر سان تر و تازه هوڻ گهرجي. وضو هجي، نہ هجي، گهر ۾ هجو يا مسجد ۾ هجو، ويٺل هجو يا ستل هجو، رات جو پاڻي ورائڻ وجو يا ڏينهن جو هرن تي وڃو هٿ اوهانجو ڪم ڪار ۾ هجي ۽ زبان توهانجي ڪلمہ سان مشغول هجي (١).

ٻيو قسم آهي سالڪن لاءِ مراقبہ جو ۽ مشق پچائڻ جو تنهنجي ترتيب هي آهي تہ متين طريقہ سان زبان بند ڪري قبلہ کي سامهون تي وهي ۽ پنهنجي دل ۾ فقط خيال ۽ تصور سان ذڪر شروع ڪري، جڏهن پهريون اکر "لَا" چوي تہ تصور سان لَا جي مَدّ ناف کان چڪي پنهنجي ساڄي ڪلهي تائين پهچائي گويا هڪ ڊگهو ليڪو ڪلهي تائين پهچائي تو، اِلٰہ چوي تڏهن اهو ليڪو ڪلهي کان چڪي مٿي تائين پهچائي ۽ اِلَّا اللهُ چوي تہ اهو اکر کابي پاسي پنهنجي دل تي لڳائي مگر ڪجهہ زور ۽ ضرب سان لڳائي، اهڙي طرح ٻيو دفعو، ٽيون دفعو هڪڙي ساهيءَ ۾ ٽي ڦيرا پڙهي، وري ساه تازو ڪٽي، ساڳئي طريقہ سان هڪ ساهيءَ ۾ ٽي ڦيرا پڙهي، ڪي ڏينهن هڪ ساهيءَ ۾ ٽي دفعا ڪلمہ شريف اهڙي طرح پڙهندو رهي، پوءِ وڌائي هڪ ساهيءَ ۾ پنج ڦيرا پڙهي. ڪن ڏينهن کان پوءِ ست ڦيرا ڪري اهڙي طرح درجہ بدرجہ ٢٧ ڦيرن تائين پهچائي. مطلب تہ هن ذڪر ۾ حبس نفس جو يعني دم روڪڻ بہ ڪبو، رعايت عدد طاق جي، يعني اڪائي جي پڻ ڪرڻ گهرجي.

(١) دست بکار دل بيار،

**فائده:** (ننڊ جو علاج) هن راھ ۾ بعضي مشڪلات ۽ عام تڪليفون سالڪن کي دريپش اچن ٿيون تنهنجو علاج پڻ لکون ٿا.

(١) اڪثر ماڻهو چوندا آهن ته اسين ذڪر ڪريون ٿا، مراقبه ۾ وهون ٿا ته اسان تي ننڊ غلبو ڪري ٿي ۽ ويٺي ويٺي ننڊ وٺيو وڃي ٿي، تنهنجو علاج هي آهي ته اٿي وضو ڪريو يا فقط پنهنجو منهن ڌوئي اچو. بيو گرم چانهه هڪ ٻه ڪوپ پيو يا ناس جي چپٽي ڪريو، رات جو کير يا پاڻي گهڻو نه پيو وڌيڪ ضرورت هجي ته حڪيم جي مشوره سان علاج ڪريو.

ٻي عام شڪايت آهي وسوسن جي، چوندا آهن اسين خراب وسوسن ڪان ذڪر يا مراقبه ڪري نه ٿا سگهون، مراقبه ۾ وهون ٿا ته اسانکي پريشان ڪريو ڇڏين، سو جاڻڻ گهرجي ته وسوسا پوڻ عيب نه آهي پر انهن تي عمل ڪرڻ عيب آهي، وسوسن ڪان ڪو انسان خالي نه آهي، اسين ڪهڙي شمار ۾ آهيون.

حضرت مجدد الف ثاني جهڙن ڪامل بزرگن کي به وسوسا پوندا هئا. هڪڙي جاءِ تي لکن ٿا ته اسانکي وسوسا ۽ خيال اچن ٿا پر دل ۾ قرار ڪو نه ٿا وٺن، ڪارن دونهن وانگي مٿي چڙهي هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي وڃن ٿا.

سرور ڪائنات عليه الصلوٰة و السلام جي خدمت ۾ ڪن اصحابن عرض ڪيو ته يا حضرت اسان کي اهڙا خراب وسوسا پون ٿا، پانيون ٿا ته جيڪر جبل تان ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئون ته بهتر آهي نه ڪِ هي وسوسا، حضور جن فرمايو هان! ائين پانيو ٿا ڇا؟ عرض ڪيائون هائو، فرمايائون ذَالِکَ صَرِيحُ الْاِيْمَانِ، هي ته اوهانجو

عين ايمان آهي تنهن جو اوهان غم ۽ فڪر ڇو ٿا ڪريو.

ٻئي حديث شريف ۾ آهي ته منهنجي اُمت تان وسوسو قلبي معاف ڪيو ويو آهي جيستائين ڪو اهو زبان سان نه ٿو چوي يا ان تي عمل نه ٿو ڪري. پر جيڪڏهن اوهان وسوسه تي عمل ڪيو پنهنجو ڪم عبادت جو، يا ذڪر ۽ مراقبه ڇڏي ڏنو ته اهو خراب آهي.

**فائده:** (شيطان جو فريب) شيطان جو اصل مقصود به اهوئي آهي ته ڪنهن به حرفت سان ڪنهن به حيله سان مسلمان جو ڪم خراب ڪري، ڏسي ٿو ته هي ماڻهو بازار ڪونه ويندو، نائٽڪ ڏسڻ ڪونه ويندو، ته اتي مسجد ۾ ئي هن جو ڪم خراب ڪريان ۽ عبادت ۾ خلل وجهي ڏيان في الحقيقه وسوسا نفس ۽ شيطان سان اوهانجو جهاد آهي، اهو جهيڙو جهاد هميشه لڳو ايندو، آخرين دم تائين ڪونه ويندو.

ٿيون هي غم ۽ سودا گهٽڻ ڪي ٿيندو آهي ته اسانکي ڪي انوار ۽ اسرار، تجليات ۽ روحانيات، ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن اسين جهڙا ڪورا نڪر آهيون اهڙائي آهيون، سو اوهين هن ڳالهه جو فڪر نه ڪريو پنهنجو ڪم ذڪر فڪر ۽ مراقبه جو ڪندا رهو، جيڪڏهن ڪي انوار ۽ اسرار ڏسڻ ۾ اچن ته ڀلي اچن نه ته ضرور نه آهي.

هڪڙي شخص اها شڪايت حضرت امام رباني ڏانهن لکي آهي پاڻ جواب ۾ ڪيس لکيو اٿن ته ڇا اهي ظاهري انوار ۽ عالم آشڪار تجليات الهيٰ جيڪي اوهين ظاهري اکين سان ڏسو ٿا، سج، چنڊ، تارا، رنگارنگي گل ڦل ۽ هيرا جواهر، اهيءَ ڪافي نه آهن جو اوهين باطني انوار ۽ رنگن لاءِ پريشان ٿيو ٿا اوهين پنهنجو ڪم ڪريو، انوار ڏسو يا نه ڏسو، تنهنجي پنيان نه پئو.

شاه غلام علي صاحب دهلوي نقل ٿو ڪري ته آءٌ جڏهن پنهنجي پيرو مرشد مرزا مظهر جان جانان جي خدمت ۾ طريقه نقشبنديه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ حاضر ٿيس (اڳي پاڻ چشتيه طريقه جا هوا) تڏهن مونکي فرمايائون، غلام علي! هن طريقه ۾ ڪو حظ نفساني يا راحت جسماني ڪانه آهي، يعني نه آهي راڳ رباب نه آهي رقص وسرود، رڳو سُڪا پٽر چٽان آهن، سو جيڪڏهن تون ڪري سگهين ته مٿس ماٿهو تي ڪر نه ته ماٺ ڪري ويهه، چيائين مون عرض ڪيو مونکي قبول آهي، مونکي اهي نفساني حظوظ ۽ لذتون نه گهرجن مونکي اهي تڪليفون ۽ مشقتون قبول آهن.

غرض از عشق توام چاشنی در دو غم هست
ورنه زیر فلک اسباب تنعم چه کم است (۱)

پوءِ مونکي مريد ڪيائون --- ٻي هن ڪان وڏي غلط فهمي جا عام طرح سان سالڪن ۾ آهي سا هيءَ آهي جو اڪثر ماڻهو سلوڪ ۽ ذڪر فڪر مان طلب ڪشف و ڪرامت جي ڪندا آهن (ڪرامت مان هتي عرفي معنيٰ خرق عادات مراد آهي) تنهن ۾ ٻه وڏا نقصان آهن. هڪ اعتقادي، ٻيو عملي اعتقادي نقصان هي آهي جو هو پائيندا آهن وڏو ڪامل ولي اهو آهي جنهن جا ڪرامات ۽ خوارق عادات گهڻا هجن ۽ تصرف هن جو عالم ڪائنات ۾ زبردست ۽ قوي هجي نه ته هُو ويچارو صاحب صبرو سڪون جو ولي نه آهي. عملي نقصان هي آهي ته هن غلط خيال ۽ خواهش جي ڪري هن

(۱) تنهنجي عشق مان منهنجو مطلب ٻئي آهي دردن ۽ غمن جي چاشني چکڻ ورنه آسمان هيٺ نعمتون ڪي گهٽ آهن ڇا؟

جي محنت هن جا نيڪ عمل بيڪار، بي جان، بي فائده ٿيو وڃن، ذڪر اذڪار وظائف ۽ مراقبا هن جا برباد ۽ ضايع ٿيو وڃن، ڇو ته هن جي نيت ۾ خلل پئجي ويو. عملن جو دارومدار آهي نيت تي "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَاتِ".

عملن جو روح ۽ عبادتن جو نور آهي اخلاص، سو ويو هليو، هو طالب دنيا جو ٿيو، نه طالب موليٰ جلّ وعلا، هو عاشق حظوظ نفساني جو ٿيو، نه طالب حقيقت ۽ معرفت جو، پوءِ ڪشف ڪرامت ڏوڙ جي ٿيندي هن جي دل ڪٽجي ڪاري ٿي وئي پوءِ هو اسرار ۽ انوار ڪھڙا ڏسندو.

هن غلط فهمي جي اصلاح لاءِ حضرت امامِ ربّاني مجّددِ الف ثاني پنهنجي مڪتوبات قدسي آيات ۾ جابجا تنبيه فرمائي آهي ۽ بار بار هن آفت کان خبردار ڪيو اٿن، پاڻ لکن ٿا ته خوارق عادات نه رڪن ولايت جا آهن نه شرط ولايت جا ڪو ضرور نه آهي ته ڪنهن ولي کان اظهار ڪرامتن جو ٿئي. نبين کي ڪافرن جي مڃائڻ لاءِ اظهار خوارق جو ضروري آهي، ولين کي ته پاڻ پردو رکڻ ۽ لڪائڻ مناسب آهي. انهي سبب ڪري جن اوليائن کان ڪرامتون صادر ٿيون آهن سي آخر وقت ۾ انهي کان تمام نادم ۽ پشيمان ٿيا آهن ۽ چيو اٿن ڪاش ڪي اسان کان اهي ظاهر نه ٿين ها ڇو ته عارفين چيو آهي، "عُقُوْبَةُ الْاَنْبِيَاءِ حَبْسُ الْوَحْيِ وَعُقُوْبَةُ الْاَوْلِيَاءِ اِظْهَارُ الْكَرَامَاتِ وَعُقُوْبَةُ الْمُؤْمِنِيْنَ التَّقْصِيْرُ فِي الطَّاعَاتِ-" اڳوڻن اوليائن کان بالڪل ٿورا خوارق منقول ٿيا آهن. جنيد بغدادي، جو سيد الطائفه آهي تنهن کان ڏه خوارق به منقول نه آهن، بعضي اوليائن کان ايترا خوارق منقول

ٿيا آهن، جو اصحابن سڳورن کان انهن جي ذهين پٽي ۾ ظاهر ڪانہ ٿي آهي، حالانڪ هي متفق عليہ مسئلو آهي تہ اولياء امت (ڇن کي شرف صحبت جو حاصل نہ ٿيو آهي) ڪنهن بہ اصحابي جي مرتبہ ۽ درجہ کي پهچي نٿا سگهن. ڪثرت ظهور خوارق معيار افضليت جو نہ آهي، ممڪن آهي تہ قليل الخوارق ڪثير الخوارق کان افضل هجي يا عديم الخوارق صاحب الخوارق کان ارفع واعليٰ هجي، فقط خوارق عادات تي نظر رکڻ ڪوتہ نظري آهي. هنن ڪوتہ بيڻ جي نظر ۾ غيب جون خبرون معلوم ڪرڻ ۽ مخلوقات حاضر و غائب جو احوال ٻڌائڻ وڏي ڪشف و ڪرامت ۽ فضيلت آهي، حالانڪ هي علم لائق هن جو آهي جو جهل سان مبدل ٿئي تان تہ مخلوقات جو خيال هن جي دل تان محو ٿي وڃي ۽ خاص الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ٿئي جا حقيقي ولايت ۽ ڪرامت آهي ۽ سندس خاص بندن سان مخصوص آهي، اها معرفت ذات و صفات و افعال حق تعاليٰ سان ۽ شهود اسرار و انوار الهيٰ سان تعلق رکي ٿي، جا في الحقيقة ڪشف و ڪرامت آهي جا عوام جي نظر کان مستور آهي، حواس ظاهري سان ۽ عقل انساني سان معلوم ڪري نٿي سگهجي. اهو ڪشف الله تعاليٰ وٽ مقبول آهي ۽ اها ڪرامت اوليائن وٽ منظور، باقي عالم ڪون و فساد جي ڳالهين ٻڌائڻ ۾ ڪهڙي فضيلت ۽ شرافت آهي، علم جي شرافت موقوف آهي معلوم جي شرافت تي جيتري قدر معلوم افضل ۽ اشرف آهي اوترو اهو علم افضل و اعليٰ آهي. انتهيٰ مُلتقطاً من المڪتوبات.

مشائخن وٽ خوارق عادات معتبر ۽ منظور نہ آهن، هن جو ڇوڻ آهي.

اگر بر آب روی خسی باشی،
اگر بر هوا پری مگسی باشی،
دل بدست آر که کسی باشی (۱)

يعني آسمان تي اڏامڻ ضرور ڪونه آهي، پاڻي تي هلڻ منظور نه آهي زمين تي هلو، زمين تي سمهو، مگر نيڪ انسان ٿي هلو، حيا ۽ ادب سان ٿي رهو، نيڪ عمل ڪريو، نيڪ عملن سان نيڪ اخلاق سان عام خلق کان ممتاز رهو جيئن ٻين ماڻهن کان اهڙا بي نظير عمدا ۽ اعليٰ اعمال عادةً نه ٿين نه ڪري سگهن، اها آهي اوهانجي ولايت، اِها آهي اوهانجي خرق عادت.

هاڻي هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اوهان وٽ ڪشف و ڪرامت نه ضروري آهي نه شرط ولايت جو پوءِ اسين ولي کي ڪيئن سڃاڻون، شڪل ۽ صورت ۾ ته سڀ انسان برابر آهن، اهڙي صفتون ۽ علامتون خوارق عادات معتبر نه آهن ته ٻيون ڪهڙيون علامتون ۽ صفتون اولياءَ جون آهن؟ تنهن جو جواب مجمل طور هي ته ولي اهو شخص آهي جنهن جو ايمان ڪامل ۽ تقويٰ يعني پرهيزگاري ۾ فائق هجي. جيئن خدا تعاليٰ پاڻ انهن جي تعريف فرمائي آهي. اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ ۝ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ۝ ۽ مفصل طور هي ته ولي اهو آهي جو اوصاف جميله سان متصف هجي، اخلاق حميده سان احسان ۽ نيڪي ڪرڻ، هر سان شفقت ۽ همدردي رکڻ، خلق جو ايذاء سهڻ شڪايت ۽ ملامت جو

(۱) جيڪڏهن پاڻي تي ترندين ته ڪک آهين (ڪک به تري ٿو) هوا ۾ ٿو اڏامين ته مک آهين پنهنجي دل قبضي ۾ آڻ ته انسان بڻجين.

تحمل ڪرڻ، نيڪي ڪري درياء ۾ وجهڻ، هن جي مال ۽ دولت کان لاطمع رهڻ.

بزرگن چيو آهي، فقيري ڇا آهي، عِبَادَةُ الخَالِقِ (١) وَالْيَأْسُ عَمَّا فِيَ اَيْدِ الخَلَائِقِ- في سبيل الله جاني و مالي قرباني ڪرڻ، خدا تعاليٰ ۽ خدا تعاليٰ جي محبوب جي محبت رکڻ، فنا في الله و فنا في الرسول ٿي وڃڻ، عبادت ۽ رياضت ڪثرت سان، هردم الله کي ياد ڪرڻ، تقويٰ و طهارت سان متصف هجڻ، قلت نوم، قلت ڪلام، قلت طعام، صدق مقال و اڪل حلال سان معروف، اعمال صالحہ ۽ اخلاق حسنہ سان موصوف هجي، اهي آهن پسنديده صفتون ولين جون. اهي آهن حقيقي ڪرامتون، اهي آهن خوارق عادتون جو عام خلق کان نہ ٿيون ٿي سگهن، جيتري قدر انهن صفتن ۾ يا بعضي صفتن ۾ ڪو شخص ڪامل ۽ فائق هوندو اوتري قدر الله تعاليٰ وٽ محبوب ۽ درگاه الاهيٰ ۾ مقرب هوندو. گذشتہ اوليائن جي حالتن ۽ حڪايتن ۾ غور ڪري ڏسندا تہ انهن صفتن سان متصف هئا. ڪنهن ۾ ڪا صفت غالب ڏسڻ ۾ ايندي تہ ڪنهن ۾ ڪا، جيئن عدل عمر رضہ جو، شجاعت علي رضہ جي، حيا عثمان رضہ جو، صدق صديق اڪبر رضہ جو معروف و مشهور آهي. اگرچہ قدر مشترڪ سيني اصحابن ۾ موجود هو، مگر ڪنهن جو تخلق ڪنهن خلق سان غالب هو، ڪنهن جو ڪنهن سان.

**فائده:** جنهن کي باقاعده سير سلوڪ ڪرڻو هجي تنهن کي ضرور آهي ڪو استاد يا رهبر مرشد وٺي گهرجي. خصوصاً هن راه ۾ جو

(١) خالق جي عبادت ڪرڻ ۽ مخلوق جي ملڪيت کان لاطمع ٿيڻ.

سوين آفتون، بلائون دربيش اچڻ ٿيون پر جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو اهڙو رهبر هٿ نہ اچي يا بيعت ڪرڻ جو موقعو نہ ملي يا اوهان کي فرصت ڪمن ڪارن کان ڪانہ آهي تڏهن بہ اوهين مطلق غافل نہ رهو بالڪل ماٺ ڪريِ نہ وهو بغير بيعت جي پنهنجي روئي سوئي ذڪر ڪرڻ جي اوهانکي منع نہ آهي، خدا تعاليٰ جو نالو وٺڻ، ڪلمہ پڙهڻ ۽ خدا تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ جي عام خاص ماڻهن کي، زالن ۽ مردن کي عام اجازت آهي.

لنگ و لوک و کورو سبب
سوئی اومی غژ او را می طلب (١)

اميد تہ اها طلب بہ نيٺ اوهانکي ڪنهن رستہ تي چاڙهيندي ۽ ان جي برڪت سان اوهين ڪنهن منزل تي پهچي ويندا.

گفت پغیبر کہ چون کوبی دری
عاقبت زان در برون آید سری (٢)

**فائده:** هيو حضرت امام رباني مڪتوبات شريف ۾ ۽ حضرت پير دستگير جيلاني پنهنجي ڪتاب "غنية الطالبين" ۾ پيري مريديءَ جا شرائط ۽ آداب مفصل مذڪور ڪيا آهن. اهي صفتون تہ اڄ ڪلهہ نہ پيرن ۾ موجود آهن نہ مريدن ۾. هن وقت پيري مريدي فقط رواجي ڳالهہ آهي دنيا جو ڌنڌو آهي، هڪڙو وجہ معاش جو

---

(١) منڊو، لولو، انڌو، ٻوڙو ۽ سواءِ ڪنهن ذريعي جي محبوب ڏانهن ڌنڌي ٻاروانگر گيسرائيون پائي هل ۽ انهي جي طلب پيو ڪر.
(٢) پيغمبر پاڪ فرمايو تہ جڏهن ڪو در ٺوڪيندين (وڄائيندين) تہ آخر ڪونہ ڪو مٿو (ماڻهو) ٻاهر نڪرندو يعني تنهنجو سڏ ورنائيندو

آهي. اوهان ڏٺو هوندو آدم شماريءَ ۾ لکندا آهن (فلاڻو ماڻهو فلاڻي ذات کرت پيري مريدي) يعني پيري مريدي پيٽ پالڻ جي به هڪڙي کرت يا واپار جهڙو ڏٺدو آهي، هيئنر سوال پيدا ٿو ٿئي ته پلا هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي خلق ڪيڏانهن وڃي صفا پچارئي ڇڏي ڏجي يا ڪجهه ڪجي.

**جواب:** هي قاعدو اصولي هر جاءِ تي ياد رکڻ گهرجي ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي "مَالاَ يُدْرَكَ كُلَّهُ لاَ يُتْرَكُ كُلَّهُ". يعني جيڪا شيءِ ڪامل طور ١٦ آنا پوري اوهانکي نه ملي، هٿ نه اچي ته جيتري قدر اوهان کي هٿ اچي ۽ پهچي سگهو سا ته نه ڇڏيو، اسانجو مطلب اهو نه آهي ته اوهان بالکل ماٺ ڪري وهو پيري مريديءَ جي طلب صفا ڇڏي ڏيو. مطلب آهي اوهانکي خبردار ڪرڻ، هوشيار ٿي ۽ سمجهي سوچي قدم کڻڻ لاءِ هدايت ڪرڻ. ڇو ته هن وقت اڪثر موروثي خاندانن ۽ گادين نشينن جو احوال ناگفته به آهي. اهي اڪثر وڏن جي نالي تي پليل آهن. رڳو خانداني عزت ۽ شرف تي نازان آهن ۽ پنهنجن وڏن جي پيروي هنن کان ڇڏائي وئي اهي جئين شاه ڀٽائي چيو آهي.

سَرَّ- اُهي سَاڳيا پَکي مَنجِهه پِيَا
اُتي تَيا ڪانؤ جِنُ ڪِينجهر ڪِنو گَيو

البة عام خلق ۾ اجا صالح بندا آهن ۽ مٽيءَ ۾ موتيءَ جا داڻا اڃالين تا. رُبَّ اَشْعَثَ اَغْبَرَ مَدْفُوْعٌ بِالْاَبْوَابِ لَوْ اَقْسَمَ عَلَي اللهِ لَاَبَرَّهُ انهن جي شان ۾ آهي.

ولايت ۽ ڪرامت موروثي مال نہ آهي جو وراثت ۾ ملي خواه وارث لائق هجي، هي تہ ڪسبي فضيلت ذاتي لياقت آهي، جيڪو ڪسب ڪندو عمل ڪندو، پنهنجن بزرگن جي رستي تي هلندو اهوئي ڪامياب ٿيندو اهوئي پير آهي ۽ اهوئي ولي. سنڌي هجي، چاهي پنجابي، توڙي قريشي هجي يا حبشي، سرهندي هجي يا جيلاني حسب نسب جو هتي سوال ئي ڪونهي.

دست زن در دامن هر کو ولی است
خواه از نسل عمرؓ خواه از علیؓ است (١)

پيرن ۽ شريفن کي تہ زياده غيرت ڪرڻ گهرجي. جيڪي گهٽ ذات وارا ماڻهو ڪوري خواه موچي سي انهن بزرگن جي پيروي ڪرڻ سان شرافت ۽ فضيلت ولايت ۽ ڪرامت کي پهچي وڃن، مگر اهي خانداني شريف اصل نسل وارا افسوس آهي، اهڙا خسيس ناشائستہ ۽ ناروا عمل ڪن جنهن ڪان عاصي ماڻهو بہ عار ڪن ۽ پنهنجي حسب و نسب کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏين تنهنڪري تہ انهن لاءِ بدعملن جو عيب بہ وڏو آهي ۽ عذاب بہ سخت آهي جئين تہ قرآن شريف ۾ خدا تعاليٰ اهل بيت جي تنبيہ لاءِ فرمايو آهي، مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ط. جيڪو اوهان اهل بيت مان ڪو بد عمل ڪندو تہ ان جو عذاب ٻين ڪان ٻيڻون ڪيو ويندو. اوهين پنهنجن بزرگن جو احوال ڏسو، سندن سوانح عمري پڙهي ڏسو ڪيترو نہ عبادتن ۾ طاعتن ۾ مشقتون محنتون تڪليفون ڪيائون تي، نہ اسان وانگي هئا. جو سڄي رات

(١) جيڪو ولي آهي انهي جي دامن ۾ هٿ وجهو پوء اهو عمر (رضي الله عنه) جي اولادِ مان هجي يا علي(ڪرم الله وجهه) جي اولاد مان يعني ڪهڙي بہ ذات هجي.

ستا پيا هجون ۽ سجو ڏينهن دنيا جي هاءِ هوءِ ۾ غلطان هجون ۽ دعويٰ ڪريون ته اسين ٻه انهن جو اولاد آهيون ۽ انهن جهڙا مستجاب الدعوات.

هتي هڪڙو نقل مناسب حال جي ياد آيو سو اوهان کي ٻڌايون ٿا جو شايد مثنوي شريف ۾ آهي.

بشنويد اي دوستان اين داستان
خود حکايت نقد حال ماست آن (٢)

هڪڙي ڪنيءَ جو ڪپڙن رڱڻ جو ڪُنُب ترتي رنگ مان ڀريو رکيو هيو، شام جو هڪڙو گدڙ پاڻي پيئڻ لاءِ درياه تي آيو ڪُنُب تي جو تپو ڏنائين سو سجو ڪُنُب ۾ ٻڏي ويو غوطا کائي کائي مَسَّ مَسَّ نڪتو ڳاڙهو پڪو رنگ وٺي ويس. ٻيا گدڙ هن کي ڏسي حيران ٿيا ته هي ڪهڙو جانور اڄ هتي آيو آهي. چيائين خبردار مون ڪان پري ٿيو مون سان گستاخي نه ڪريو آءٌ ٻبر شينهن جو ٻچو آهيان مونکي شڪار ڪري آڻي کارايو نه ته چڱو نه ٿيندو، هو ويچارا روز شڪار ڪري ڪو ڪڪڙ ڪو سهو جهلي آڻي کارائينس ڪي ڏينهن گذريا آخر هڪڙي پوڙهي ڏاهي گدڙ چيو ته مونکي هن ۾ شڪ ٿو پوي ته هي ساڳيو گدڙ آهي خالي پلي اسانکي خوار ڪيو آهيس، پاڻ ۾ صلاح ڪيائون، شام جو هتان هتان سيني وٺي اونايو، جونڊا آهن (گدڙ گدڙ سان نه اونائي ته ڪوڙهيو ٿي مري) سو هن کي به سک نه آيو وٺي اونايو ته گدڙن جو آواز ڪڍيائين ۽ ظاهر ٿيو ته، آهي ڪوڙو ڦدوڙو، گدڙ جو گدڙ، رڱو رنگ ۾ اسين پليا آهيون پوءِ خراب خوار ڪري تڙي ڪڍيائونس، مطلب ته اوهين به رنگ تي نه پلجو، عملن کي ڏسجو.

---

(٢) اي دوستو! هي داستان ٻڌو، جو ته اها ڳالهه ئي اسانجي حال جو ڪليل بيان آهي.

**فائده:** پير جي حياتي ۾ ٻيو پير وٺڻ درست آهي.

**مسئلو:** مڪتوبات شريف ۾ حضرت امام رباني لکيو آهي ته پير جي حياتيءَ ۾ جيڪڏهن سالڪ پنهنجو فائدو ٻئي پاسي ڏسي ته ان کي ٻيو پير يا مرشد وٺڻ جائز آهي (ڏسو مڪتوب نمبر ٦٣ دفتر ٻئي جو)

**فائده:** شيخ عبدالحق محدث دهلوي لکيو آهي ته هن زماني ۾ جيڪڏهن طالب کي مرشد ڪامل هٿ نه ٿو اچي ته اهو درود شريف ڪثرت سان پڙهي اميد ته انکي اهڙو فيض ۽ فائدو پهچندو جهڙو مرشد ڪامل مان پهچي.

**فائده:** (ٽيون) جڏهن ته هن وقت ۾ اوليائن جي صحبت ميسر نه ٿي ٿئي اهي سچڻ جن جي صحبت مان دنيا جي غمن کان دليون صاف ۽ اکيون روشن ٿينديون هيون ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن تڏهن هنن جا ڪتاب ڏسڻ، هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ، هنن جا نيڪ اخلاق معلوم ڪرڻ هنن جون سوانح عمريون پڙهڻ ٻه هنن جي صحبت ۽ زيارت ڪرڻ جي قائم مقام آهن. گويا خود اوهين هنن جي صحبت ۽ مجلس ۾ ويٺا آهيو هنن کان فيض ۽ فائدو وٺي رهيا آهيو. ناولن ۽ اخبارن پڙهڻ کان اوهانکي بهتر آهي ته انهن جا ڪتاب پڙهو ۽ انهن جي حالات سان دل روشن ڪريو.

چونکه گل رفت و گلستان شد خراب
بوی گل را از که جویم از گلاب (١)

---

(١) جڏهن گل ويو ۽ باغ ويران ٿي ويو ته هاڻي گل جي خوشبوءِ ضرور عرق گلاب مان هٿ ڪبي.

باب ٽيون

# غمن جو علاج دعائن سان

هي باب، دعائن جو اسان جي ڪتاب جو گويا لبِّ لباب آهي، سو اوهين خيال سان پڙهجو ۽ پنهنجي حال ۽ حاجت موافق پڙهڻ لاءِ دُعا ۽ وظيفہ جو انتخاب ڪجو.

(۱) حديث شريف ۾ آيو آهي تہ قضا ڪي يعني مصيبت ۽ بلا ڪي ڪا شيءِ دفع نہ ٿي ڪري سگهي مگر دعاء

(۲) ٻي حديث شريف ۾ آيو آهي تہ دعا فائدو ٿي ڪري انهيءَ بلا کي جا نازل ٿي چڪي آهي ۽ جيڪا اڃا نازل نہ ٿي آهي. جيڪا نازل ٿي چڪي آهي سا هلڪي ٿي ويندي ۽ جيڪا نازل نہ ٿي آهي سا دفع ٿي ويندي.

(۳) ٽين حديث شريف ۾ آيو آهي تہ اوهين دعا گهرڻ کان عاجز نہ ٿيو ۽ ان ۾ سستي نہ ڪريو ڇو تہ ڪوبہ ماڻهو باوجود دعا ڪرڻ جي هرگز هلاڪ نہ ٿو ٿئي.

**ڀائرو!** اوهين نااميد ۽ دلگير نہ ٿيو، دل وڏي ڪريو ۽ دعائن پڙهڻ ۾ وظيفن پڙهڻ ۾ قصور نہ ڪريو، رب مهربان ٿيندو ۽ اوهانجا ڏک غم دور ٿي ويندا.

هتي اسين بعضي اهي دعائون جيڪي اسانجي رهبر پيشوا غمخوار اُمت، محبوب خدا، محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ غمن ۽ مشڪلن ٽارڻ لاءِ ٻڌايون آهن يا مشائخ ڪرام تجربہ ۾ آنديون آهن سي لکون ٿا، مگر پهريائين دعائن جي متعلق ڪي ضروري ڳالهيون ۽ هدايتون عرض رکون ٿا سي ياد رکجو ۽ انهن تي عمل ڪجو تہ اوهان جون دعائون مستجاب ٿين ۽ اوهين مقاصد حسنہ ۾ ڪامياب